# مهراڻ

نمبر ١/ ١٩٩٠ع
(جنوري - مارچ)



INSTITUTE OF SINDHOLOGY
RESEARCH LIBRARY
EXCHANGE
OF
PUBLICATIONS
UNIVERSITY OF SIND JAMSHORO



شروع ڪريان ٿو الله جي نالي سان جو وڏو مهربان ۽ نهايت رحم وارو آهي



علامه آ.ءِ آ.ءِ قاضي جي ناياب ڪاغذن جو هڪ ذخيرو تازو محترم علي احمد بروهي، سنڌي ادبي بورڊ جي حوالي ڪيو، جيڪو جناب حبيب الله صديقي ڪراچيءَ مان صندوق جي صورت ۾ ڪٺائي آيو ۽ بورڊ جي ريسرچ ونگ ۾ محفوظ ڪيائين. ڪاغذن جي ذخيري سان گڏ مدر ايلسا قاضيءَ جو هٿ سان ٺاهيل هڪ ڪُشن ڪَور بہ آهي، جيڪو محترمه پاڻ تيار ڪري علامه صاحب کي تڏهن تحفاً ڏنو، جڏهن اڃا سندن شادي بہ ڪانہ ٿي هئي. مَدر، اهو سئيءَ جو ڪم ڏَلوچ (انگلينڊ) ۾ ١٩٠٨ع ۾ ڪيو. تصوير ۾ قيمتي ڪاغذن جا پئڪيٽ نظر اچي رهيا آهن.



ڪُشن ڪور جو فوٽو



علامه قاضي صاحب جي ڪاغذن جي قيمتي ذخيري جي رونمائيءَ جي موقعي تي ورتل هڪ تصوير. مسٽر نفيس احمد شيخ ايڊيٽر مهراڻ، ميان الله بچايو يوسف زئي پبليڪيشن آفيسر س. ا. ب، جناب حبيب الله صديقي سيڪريٽري / ڊائريڪٽر س. ا. ب، محترم سيد حسين شاهه راشدي ۽ مخدوم ميان غوث محمد پيرزادو گوهر ڪوٽڙي ڪبير شريف

# مهراڻ

سنڌي ادبي بورڊ جو ٽماهي علمي ۽ ادبي رسالو

جلد ٣٩] [نمبر ١

جنوري - مارچ ١٩٩٠ع

P. 10742
25.2.90

RESEARCH LIBRARY
UNIVERSITY OF SIND JAMSHORO

**سرپرست اعليٰ**

مخدوم محمد زمان "طالب المولي"

**ايڊيٽوريل بورڊ**

مخدوم جميل الزمان "جميل"
عبدالله ورياهه
سيد احسن الهاشمي
حبيب الله صديقي

**ايڊيٽر**

نفيس احمد شيخ



**سنڌي ادبي بورڊ**

**ڄام شورو/حيدرآباد سنڌ**

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

# مهراڻ

سنڌي ادبي بورڊ
اسٽيشن روڊ، ڄامشورو، سنڌ

The "MEHRAN", Quarterly
Vol: 39, No. 1, 1990
[Established in 1955]

- An age old leading journal of scholarship in Sindhi language, acknowledged in all literary circles of Pakistan.
- Published by SINDHI ADABI BOARD for the development and promotion of Sindhi literature.
- Contemporary Creative Literature, History, Civilization, Lexicography, Education, Music, Folklore, Archaeology and General Culture of Sind are the main topics of material usually published in this periodical.
- Besides translations of world literature are also presented.
- All correspondence about publication be addressed to:

Nafees Ahmad Shaikh
Editor 'Mehran', Quarterly,
Sindhi Adabi Board,
@ Jamshoro, Post Code:- 76070
Via: Hyderabad, Sind, Pakistan.
Telephone: (0221) 71276 and 71565

(سرورق: درگاهه عاليه غوث الحق مخدوم نوح رح، هالا شريف)

سلائيڊ: بابر سومرو

خريداريءَ لاءِ خط و ڪتابت

منيجر بوڪ اسٽال

سنڌي ادبي بورڊ، تلڪ چاڙهي، حيدرآباد (فون: ٢٤٦٧٩)

سالياني چندو: ١٠٠-٠٠ رپيا    في ڪاپي: ٣٠-٠٠ رپيا

Printed & Published by Mr. Habibullah Siddiqui Secretary Sindhi Adabi Board at the Sindhi Adabi Board's Printing Press, Jamshoro, Sind, Pakistan.

بسم الله الرحمٰن الرحيم

# حال احوال

( ايڊيٽوريل )

## اديبن لاءِ ڪالونيون

وزيراعظم محترمه بينظير ڀٽو اعلان ڪيو آهي ته ملڪ جي مختلف حصن ۾ اديبن، شاعرن، دانشورن ۽ صحافين لاءِ رهائشي ڪالونيون جوڙيون وينديون ۽ اسلام آباد ۾ شهيد ڀٽو رائيٽرس ڪالوني تعمير ڪئي پئي وڃي. محترمه اهڙو اعلان نئشنل بوڪ ڪائونسل آف پاڪستان طرفان گذريل نومبر ۾ "جمهوري ادبي اعزازات" ڏين جي هڪ تقريب ۾ خطاب ڪندي ڪيو.

وزيراعظم جي هن اعلان جي ملڪ جي ليکڪن طرفان پرجوش آجيان ڪئي وئي آهي. اديبن، شاعرن، دانشورن ۽ صحافين جو وڏو طبقو اهڙو آهي، جن لاءِ رهائشي مسئلو زندگيءَ جو سڀ کان ڏکيو ۽ منجهائيندڙ مسئلو آهي. اديبن جي مالي حالت اهڙي نه آهي جو پنهنجن ٻچن جي سر لڪائڻ لاءِ پنهنجي خرچ سان مناسب اجها اڏي سگهن. اديبن ۽ شاعرن جون زندگيون شعر و ادب جي خدمت ڪندي گذري ٿيون وڃن، پر هو ذاتي رهائشي گهرن کان محروم ئي رهن. محترمه هي اعلان ڪري هڪ اهم مسئلي ڏي ڌيان ڏنو آهي.

اسان هن موقعي تي وزيراعظم محترمه جي هن اعلان جي آجيان ڪندي اهو مشورو ڏينداسين ته هائوسنگ ڪالونين جي رٿا ڪي اهڙي نموني مرتب ڪيو وڃي، جيئن وڏ ۾ وڏا ليکڪ اها سهولت آسانيءَ سان پنهنجن محدود مالي وسيلن آهر حاصل ڪري سگهن.

اها ٻه هڪ اهم ضرورت آهي ته ان ڏس ۾ رٿائن کي جلد هٿ ۾ کنيو وڃي ۽ واسطيدار کاتن طرفان مڪمل گرمجوشيءَ ۽ تندهيءَ سان ان کي تڪميل تي پهچايو وڃي.

ان ڏس ۾ اسان حيدرآباد جي حوالي سان هڪ مشورو ڏينداسين ته حيدرآباد ۽ ڄامشوري جي اديبن، شاعرن، دانشورن ۽ صحافين لاءِ رهائشي ڪالوني ڄامشوري ۾ جوڙي وڃي، جتي اڳي ئي يونيورسٽين ۽ ادبي ادارن جي حوالي سان اڪيڊمڪ، ريسرچ ۽ ڪلچرل ماحول ميسر ۽ موجود آهي. ان طرح سان حيدرآباد ۽ ڄامشوري جي اديبن لاءِ هيءَ رٿا گهربل ادبي سهوليتن سان هڪ موزون ۽ مثالي رٿا ثابت ٿيندي.

ساڳيءَ طرح سنڌ جي ٻين وڏن شهرن سکر، لاڙڪاڻي، نوابشاهه، دادو، سانگهڙ، خيرپورميرس، بدين، ميرپورخاص، شڪارپور، نوشهروفيروز، جيڪب آباد، ٺٽي، ٽنڊي آدم، هالا، مورو وغيره ۾ ٻن اديبن جي رهائشي ڪالونين جوڙڻ طرف ڌيان ڏين گهرجي.

## ڪجهه پنهنجي متعلق

سنڌي ادبي بورڊ جي موجوده ترقي پذير ڪارڪردگيءَ ۾ جتي مهراڻ ۽ ٻين نون ڪتابن جي اشاعت جا نقطا اهميت رکن ٿا، اتي ڪيترن ئي ختم ٿي ويل ڪتابن جي ٻيهر اشاعت جو سلسلو پڻ زورشور سان جاري آهي. ساڳيءَ طرح بورڊ، پنهنجن ملازمن جي فلاح ۽ بهبود لاءِ هڪ سال جي قليل عرصي ۾ ڪيئي ونڊڙ اقدامات ڪيا آهن، جن ۾ ملازمن لاءِ پينشن ۽ گريجوئٽي جي حقوق جو قيام سرفهرست آهي. ملازمن جو اهو ديرينه مطالبو پورو ڪري بورڊ حق رسيءَ جو سهڻو مثال قائم ڪيو آهي. ان طرح ملازمن جي ترقين طرف توجهه ڏيندي، بورڊ جي فاضل چيئرمن، تازو ڪيترن ئي ملازمن کي پروموشن ڏيڻ فرمايا آهن، جن سان ملازمن جي استحقاق سان گڏ سندن حوصلہ افزائي مقصود آهي. ملازمن جي بهتريءَ جي ڏس ۾ رهائشي ڪالونيءَ جي رٿا جو ڪم پڻ انتظاميه هٿ ۾ کنيو آهي ۽ اميد آهي ته اهو اهم ڪم پڻ جلد پايهءِ تڪميل تي پهچايو ويندو.

## ليکڪن کي گذارش

مهراڻ جي لکندڙ اديبن ۽ شاعرن جي خدمت ۾ ڪجهه گذارشون ڪجن ٿيون. استدعا آهي ته ان ڏس ۾ اسان سان تعاون ڪرڻ فرمائين:

(۱) جيئن ته مواد بنيادي طرح خالص علمي، ادبي ۽ تحقيقي قبول ڪيو ويندو آهي، ان ڪري ذاتي تنقيد ۽ پسند/ناپسند واري انداز ۽ پڻ سياسي ۽ نيم سياسي انداز کان پرهيز ڪرڻ فرمائين. ان قسم جو مواد قبول ڪرڻ کان معذرت رهندي. البته ”علمي تنقيد“ واري انداز کان نه اڳ ڪڏهن انڪار هو ۽ نه هاڻي ئي رهندو.

(۲) فوٽو اسٽيٽ مواد موڪلڻ کان پرهيز ڪرڻ فرمائين.

(۳) جيئن ته معياري مواد جي مهراڻ آفيس ۾ هميشه گهڻائي رهي ٿي، ان ڪري اهو ممڪن ڪونهي ته نئون ايندڙ قابل اشاعت مواد فوراً ڇپجي وڃي. آفيس جو پنهنجو دستوري طريقه ڪار آهي، جنهن هيٺ ڪيترن ئي اهم زاوين کي اڳيان رکڻو پوي ٿو. اهڙيءَ صورت ۾ ڪرمفرما لکندڙن کي گهربل انتظار برداشت ڪري اسان سان تعاون ڪرڻو پوندو. اميد ته مهربان مايوس نه ڪندا.

(۴) آخر ۾ مهربان ليکڪن کي استدعا آهي ته پنهنجي هڪ تازي تصوير اسان کي موڪلي ڏين، جيئن ”مهراڻ آلبم“ کي مڪمل ڪري سگهجي.

— نفيس احمد شيخ

ڀارت جي چند برک سنڌي اديبن ۽ شاعرن سنڌي ادبي بورڊ جو دورو ڪيو، جيڪي
بين الاقوامي سچل ڪانگريس جي موقعي تي سنڌ آيل هئا.
(٣- ڊسمبر ١٩٨٩ع)



بورڊ جو سيڪريٽري مسٽر حبيب الله صديقي ۽ بورڊ جو هڪ ميمبر ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ،
وفد جي اڳواڻ شريمان گوبند مالهي کي بورڊ جي ڪتابن جي سوکڙي ڏيئي رهيا آهن.



مهمان، مسٽر حبيب الله صديقي ۽ ڪجهه مقامي دوستن سان گڏ

”هر شاعر پنهنجي شاعري جي شروعاتي دؤر ۾ پنهنجي دؤر جي ڪن عظيم شاعرن کان متاثر ٿيندو آهي. انهن جي پيرن تي هلندو آهي، ۽ انهن جو اسلوب ۽ ٻولي قبول ڪندو آهي، پر عظيم شاعر ان کان اڳي وڌي ٿي دؤر ۾ پنهنجي شاعريءَ ۾ پنهنجو انفرادي اسلوب گهڙيندا آهن.“

”ازرا پائونڊ“

# شاعري

# لافاني ڪلام

مخدوم امين محمد صديقي ”امين“ رح

*

ٻاروچا ٻيوپار
اڱڻ آءٌ تان عيد ڪيون.

اچي ويهج اوڏڙو، منهنجا تون منٺار،
ديدن ۾ ٿا ديد ڪيون.

هلڻ واريون من ۾، هلي ڪر هيڪار،
خوشيءَ ڪي تہ خريد ڪيون.

اهي اسان ڪي ڳالهڙيون، سيڪاريون سنسار،
هلاني تہ حميد ڪيون.

هل تہ گهمون ڪي گهٽيون، برهن جي بازار،
شهرن ۾ تہ شنيد ڪيون.

”امين“ تنهنجي عشق جي، پئي آهہ پچار،
هوتان رسيد ڪيون.

## مخدوم محمد زمان "طالب المولیٰ"

### غزل

چو ڪونہ ڪيئي وعدو وفا خير تہ آهي،
اي منهنجا مٺا ماہ لقا خير تہ آهي.

اڄ شيرين زباني جي جڳهہ خامشي ڇا ڪان،
اي دلربا اي هوش ربا خير تہ آهي.

ڀرين تہ تغافل ڪان پيو ورندو هئين ڪم،
اڄ ڇا ڪان نہ آ جور و جفا خير تہ آهي.

ناراض اهين سهڻا صنم؟ چور ٻڌي چپ،
چو چو ٿو ڪرين صلح و صفا خير تہ آهي.

برگِ گلِ تر ڪان بہ تون نازڪ اهين دلبر،
پر هيسين ٿو بي جرم و خطا خير تہ آهي.

اي منهنجا سڄڻ يار طبيبِ دلِ مجروح،
ڏين ٿو نہ دوا، بلڪ دعا خير تہ آهي.

آئين نہ، سڄي رات اکن تي مون گذاري،
توکان ٿو پڇان يار تہ ڇا خير تہ آهي.

هي جوش هي گرمي آ سڄڻ ڇا جي ڪري اڄ،
مون کان نہ ٿي ارهڙ ڪا خطا خير تہ آهي.

اڳ چوندو هئين طالبِ مولا سان پيارا،
اڄ ڪجهہ بہ ڪچين تو نہ، ڀلا خير تہ آهي.

(۱۱- آگسٽ ۱۹۸۸ع)

## عنايت بلوچ

●

ڪڙڪي ڪولي جهاتيون پايان،
تنهنجون واٽون پيو واجهايان.

پنهنجي پنهنجي قسمت آهي، هُو مُرڪي، مان نير وهايان.
تون سونهي جو، سڀڪو تنهنجو، ڪو ٻه نه منهنجو، ڪنهن جو ناهيان.
غيرن کان ڪو الڪو ناهي، يارن کان ٿو مان گهٻرايان.
سچ جي مون ۾ جرئت ناهي، ڪوڙ چوڻ کان ڇو شرمايان.
آهيان سارو عيبن هاڻو، ڪهڙا ڪهڙا عيب لڪايان.
جڳ ۾ جيڪو جيئڻ ٻه سمجهي، تنهنجي لاءِ عنايت آهيان.

## تاج بلوچ

بي خياليءَ ۾
تو جي هٿ هوا ۾ لوڏيا
تنهنجي چوڙين جا
پولارن ۾ ٽهڪ ٽڙي پيا
۽ ڪنواري هٿن جو خوشبوءِ،
رم جهم رم جهم مهڪ ٻکيڙي،

ڪاليءَ هوا ۾
تو جي اڱڻ تي پير گهمايا
سڀ ڪي جاڳايو
تنهنجي پايل جي ڇم ڇم
گيت ڳڙي پيا
لهر لهر سنگيت ڀري پيو.

تو جي وار هوا تي ڇوڙيا
ميگهه ملهار جي موسم موٽي.

چڪ ۾ پوتيءَ جي ڪنڊ جهلي
پير جي ننهن سان
تو جي ڌرتيءَ کي ڪونيو
خوشبوءَ جو ساگر ڇلڪي پيو.

تو جي سرڪيو
ڌرتيءَ کان آپ ڪنارن موتيا مهڪيا
چانديءَ جي جلون جو نور ڀري پيو.

تو جي ڪڏهن، ها، تو جي ڪڏهن
بي خياليءَ ۾ ٽهڪ ڏنو
ايئن لڳو، ها ايئن لڳو
ڄڻ ٽر تي مينهن آلو
بي خياليءَ ۾
بي خياليءَ ۾

**سرويچ سجاولي**

## ڳورن ڀورن ڪارن ۾...

اُپ ڀون جي اسرارن ۾، بس ساجن! هڪڙو تون ئي تون،
ٻڙهيم ڀٽين پارن ۾، بس ساجن! هڪڙو تون ئي تون.

هُو هُو جي هونڪارن ۾، سج ۽ چنڊ ستارن ۾،
آذانن اذڪارن ۾، بس ساجن! هڪڙو تون ئي تون.

ٻوڙهن جوانن پارن ۾ ۽ ساون ساون پارن ۾،
۽ آن سان پريل پارن ۾، بس ساجن! هڪڙو تون ئي تون.

ڪڙنڊڙ ڻڙنڊڙ تارن ۾، ۽ يڪتارن جي تارن ۾،
تَن جي تندن تارن ۾، بس ساجن! هڪڙو تون ئي تون.

ڳيرن جي ڳٽڪارن ۾، ڪُونجن جي ڪُنڪارن ۾،
ٻونئرن جي ڀُنڪارن ۾، بس ساجن! هڪڙو تون ئي تون.

سوچن ۾ الڪارن ۾، ۽ ڳورن ڀُورن ڪارن ۾،
جنسن ۽ جنسارن ۾، بس ساجن! هڪڙو تون ئي تون.

سُهڻن سبز نظارن ۾ ۽ وَلين جي وَلڪارن ۾،
غنچن ۽ گلزارن ۾، بس ساجن هڪڙو تون ئي تون.

مُرڪن ٽهڪن ڪيلڪارن ۾، ڪيجن خوشين ڪيڪارن ۾،
لولين جي للڪارن ۾، بس ساجن! هڪڙو تون ئي تون.

واهوندن ۽ وَسڪارن ۾، هيرن ۾ هڳڪارن ۾،
ڪڪرن ڪارن ڪارن ۾، بس ساجن! هڪڙوتون ئي تون.

شعرا جي آشعارن ۾، آدبا جي شهپارن ۾،
فنڪارن فنپارن ۾، بس ساجن! هڪڙو تون ئي تون.

سرويچن ۽ سچارن ۾، مهيرن ۽ مهندارن ۾،
ساٿين مٺيادارن ۾، بس ساجن! هڪڙو تون ئي تون.

## محمد علي "جوهر"

•

ٿيو پري اکڙين کان پيارو يار دلبر عيد ڏينهن،
ٿيا اسان جي لاءِ عاشورا سراسر عيد ڏينهن.

دور ڪنهن کان شل نه ٿئي دلبند دلبر دادلو،
زندگي اهڙي کان آهي موت بهتر عيد ڏينهن.

دور دل کان ڪين مان هڪڙي گهڙي تو کي ڪيو،
رَتَ رُناري ٿو ميٺا تنهنجو تصور عيد ڏينهن.

ٿيو هلالِ عيد دنيا لاءِ پيغامِ خوشي،
بڻجي منهنجي لاءِ آيو نوڪِ خنجر عيد ڏينهن.

آهه آيو سج اڇوڪو سور جو سامان ڪٺي،
اڄ ڏکن مون کي ورايو آهه ويتر عيد ڏينهن.

عيد جي سڀ ڳالهه ڇيڙي اي عزيزو! دوستو!
اڄ نه مون کان رت جا وهرايو سمندر عيد ڏينهن.

اي ماڻ وارو! مبارڪ عيد جي مون کي نه ڏيو،
منهنجي دل کي سڀ ڏکايو ڪين هرهر عيد ڏينهن.

شينهن جا پٽ سورما جوڌا جوان سڏجن سوين،
شينهن جي ڏاڏي سندو ڏيجي نه همسر عيد ڏينهن.

ڪير ڏيندو اڄ ڪيلي جوهر مبارڪ عيد جي؟
ڪير نوڙي نياز سان پائيندو ٻاڪر عيد ڏينهن.

مسڪرائي ناز سان مينگارجي سامهون اچي،
ڪير پيرين اڄ پئي پائيندو ٻاڪر عيد ڏينهن.

## محبوب سروري

●

هي سروري صاحب جو غزل، غور طلب آهه،
هر شعر ۾ آ راز لڪل، غور طلب آهه.

ڪنهن ڪي به خدا حسن جي ٻڪ ڪانهه ڏني آهه،
ڪاٺيءَ ۾ وڌو آهه ڪجل! غور طلب آهه.

رندن جي خلاف آهه سڄي ملڪ ۾ هڙتال،
هر شيخ آ سرگرمِ عمل غور طلب آهه.

حاوي ٿو ڏسان شهر تي حجري جي سياست،
ميخاني تي آ تالو لڳل، غور طلب آهه.

ڪنهن قدر ڪيو مردِ قلندر جو نه جٺري،
ميڙو آ جنازي تي مٺل، غور طلب آهه.

پيري ۾ ڪري شادي ٿو، هي شهر جو قاضي!،
ڏس! واڄ ڦريل، ڏند ڀڳل، غور طلب آهه.

هن ٻوڙهي به فرياد جواني تي ڪيو آهه!
ڏاڙهيءَ تي اٿس 'ڪيس' ڪيل، غور طلب آهه.

بي وقت اچي راڳ ۾ اڄ ڇيڙي رقيب آهه،
خوشين ۾ وجهي ٿو هو خلل، غور طلب آهه.

هٿ جنهن جا هٿا صاف، اهو صاف ڇٽي ويو!
ٻيو ويل ۾، جنهن ڪاڏا ڪڍل، غور طلب آهه.

معمارِ وفا آهه شهنشاهه جي دولت؟
يا جنهن تي اڏيل تاج محل؟ غور طلب آهه.

ڏس تَرَ تي تماڃي ٿو ڏئي پونٺر جيئن پيرل،
ڪينجهر ۾ ڪڙيو آهه ڪنول، غور طلب آهه.

اڄ تنهنجي چرٺي، عام سان گڏ عيد ملهائي،
دامن تي ڇٽي آهه لڳل، غور طلب آهه.

ورهين جي وڇوڙي کان پو محبوب مليو آهه،
بيشڪ آ مٺو صبر جو ڦل، غور طلب آهه.

"آزاد" وريامه

# "دلبر دل کان ناهين دور"

تنهنجي ياد ڪيو وهلور، دلبر دل کان ناهين دور.

مرڪڻ مهڪڻ من کي موهيو،
گهاءُ هڻي وئي تنهنجي گهور، دلبر دل کان ناهين دور.

تنهنجي سونهن تان سڀ ڪجهه صدقي،
تون پري يا ڀل ڪا حور، دلبر دل کان ناهين دور.

منهنجي جوت ۽ جوڀن جواڻي،
نيڻن جو تون آهين نور، دلبر دل کان ناهين دور.

گونجن ڳالڙن گيت ڳلابي،
تو بن ٻن وجهان سي ٻور، دلبر دل کان ناهين دور.

هينڙي ۾ تون روز هُرين ٿي،
پل پل پلجن تنهنجا پور، دلبر دل کان ناهين دور.

تو جي ٻول ٻڌا ها مون سان،
من ۾ ساندي سي مذڪور، دلبر دل کان ناهين دور.

راتيون ڏينهن گذاريل تو سان،
سات سنڀاري سرجن سٺور، دلبر دل کان ناهين دور.

ڳالهه ڳٺيان تان ڳاراٽو ٿئي،
چاڪ ڇڪي پيا تيڙس چور، دلبر دل کان ناهين دور.

هينئن حياتي گهارڻ ڏکيو،
سال، مهينا، منٽ نه مور، دلبر دل کان ناهين دور.

ڪيئن وساري ويٺين مون کي،
ڪيڏو ڪيڙءَ ڪيس ڪلور، دلبر دل کان ناهين دور.

منهنجي آس اميد اهائي،
محب مٺا تون رهه مسرور، دلبر دل کان ناهين دور.

هيڪر جيڪر تون به پهچين ها،
آزاد آهين يا مجبور، دلبر دل کان ناهين دور.

حبيب‌الله صديقي

## "زندگي ۽ منزل"

زندگيءَ جي ڪابہ منزل، آخري منزل نہ آ،
خود چراغِ راهہ آهي، زندگي منزل نہ آ.

هڪ ڏني جي لات مان سڀئي پيون لاٽون ٻرن،
زندگيءَ جي جوت جي موجودگي منزل نہ آ.

ڳل نيڻن، مُرڪڻائجن، مُشڪڙيون ڦُٽن، ڪومائجن،
زندگي تنهنجي بہ ڪاني، دائمي منزل نہ آ.

ساهہ پيڻان نڪرندي ٿي جو نهاري آسپاس،
اجنبي ناهي مسافر، اوپري منزل نہ آ.

هيڪلو هرڪو اچي ٿو، هيڪلو هرڪو وڃي،
منتشر هن قافلي جي هڪ ڪڙي منزل نہ آ.

آرزو ميلاپ جي مَنَ ۾ رهي ٿي موجزن،
ڇا ڪجي جو يار پنهنجي اوتري منزل نہ آ.

روح جو ازلي سفر، لوح و قلم، روزِ جزا،
بيحسي ۾ بيوسي جي زندگي منزل نہ آ.

ڪير آهيان، ڇا ٿو چاهيان، خود خبر ڪنهن کي پئي،
عالمن ۽ عارفن جي، آڳهي منزل نہ آ.

سچ آهي جو ڪتابن آ لکيو، ڏاهن چيو:
'علم آهي روشني' پر، روشني منزل نہ آ.

هي گذشتہ زندگي جي آ صدائے بازگشت،
عارضي ناهي حياتي، موت بہ ئي منزل نہ آ.

پارسا، اي پاڪ پوتي، عيب جوئيءَ جا آبا،
پانجي ٿو تنهنجي منهنجي ڪاينڪي منزل نہ آ.

مون حبيبِ ڪبريا جو آ جهليو دامن 'حبيب'،
ذات منهنجي آ صديقي، عارضي منزل نہ آ.

## احمد خان "مدهوش"

### غزل

نظر نظر سان ملائي ڦُريون هليو ويو دل،
نقاب رُخ تان هٽائي ڦُريون هليو ويو دل.

نرالي نازَ وچان هُو نشيلا نيڻ کڻي،
لبن تي مُرڪ نچائي، ڦُريون هليو ويو دل.

ڪمانون ڪانَ سنياري، چڪائي چوٽ وڏي،
جگر ۾ تير کُهائي، ڦُريون هليو ويو دل.

عجيب ڍنگ سان دلبر اداءُ ناز ڪري،
هزار رنگ رچائي، ڦُريون هليو ويو دل.

ڪيان ته نيٺ ڪيان ڇا، وڃان ته ڪاڏي وڃان،
اندر ۾ آگ لڳائي، ڦُريون هليو ويو دل.

سوا گهڙيءَ جي ملاقات ۾ ڪري قابُو،
آتي ني ڪنڌ ورائي، ڦُريون هليو ويو دل.

نگاهه شوخ سان "مدهوش" جو قرار کسي،
ديوانو مست بنائي، ڦُريون هليو ويو دل.

## "محسن" ڪڪڙائي

### وائي

ڪو، جو ڪالهه رُنو —
مُنهنجا ڳچَ ڳري پيا.

هُوندي-سُوندي هر ڪنهين، چاڙهيو "ڪين-ڪُنو"—
مُنهنجا ڳچَ ڳري پيا.

جالي جانٺهار سڀ، ڀوءِ ڀي جَپَ-جُنو—
مُنهنجا ڳچَ ڳري پيا.

آءٌ ته رڃي راس ٿئي، مُنهنجو مَن مُنو—
مُنهنجا ڳچَ ڳري پيا.

الاءِ، ڪهڙي اهنج ڪان، سون ڪان ڀاءٌ ڀُنو—
مُنهنجا ڳچَ ڳري پيا.

"محسن" تُنهنجي مُونجهه جو، ڀويون ڀڙ ڀُنو—
مُنهنجا ڳچَ ڳري پيا.

"نشتر" ناٿن شاهي

## رباعيون

پٿر جي خدائن کي خدا ٿا سمجهو،
نمرود جي ٽولي کي بجا ٿا سمجهو،
ڪمزور عقيدي جي مرض جا اي مريضو!
ڇو زهر جي شيشي کي دوا ٿا سمجهو.

جنت جا دلاسا نہ ڏيو مون کي اوهين،
حورن جي حوالي نہ ڪيو مون کي اوهين،
سودو نہ زمين جو آ ڪبو لالچ تي،
پاڻي ۾ وجهي ڏوڙ نہ ڏيو مون کي اوهين.

حق ٿي جي پوي وهم، اهو ناشدني،
هٺ ٿي جي پوي لحم، اهو ناشدني،
ڪيڏيون بہ ڪهاڙيون ۽ هڻو تلوارون،
پاڻيءَ تي ٿئي زخم، اهو ناشدني.

موجن کي ڏئي موج اڀاري آيس،
واچوڙي کي طوفان بڻائي آيس،
اوڙڪن جي رواني کي رواني ڏيئي،
درياهہ کي واهڙ ۾ سمائي آيس.

هٿ ڪان نہ اصولن کي ڇڏينداسين اسان،
مرنداسين مگر، ڪين مڃينداسين اسان،
منزل آ نگاهن ۾ هيٺر ڪين ڪي وربو،
ٽيپهري تي روزو نہ ڀڃينداسين اسان.

لهجن جي بهارن تي ڪڏهن ڪهڙو آ!
مهمان قرارن تي ڪڏهن ڪهڙو آ!
جي صبح سڄڻ، شام عداوت ۾ رهن ٿا،
ان طرح جي يارن تي ڪڏهن ڪهڙو آ.

## آثم ناٿن شاهي

### چوسٽاءِ

(۱)

جڏهن به عرض ڪوئي مون گذاريو جناب ۾،
تہ صبر جو سبق اوهان تڏهن ڏنو جواب ۾.
اوهان جي آئي، پل به ٿي، ٿا ڏک ائين اڪي وڃن!
جو ڏينهن ـ ٻن جي لاءِ جيئڻ اڇا اڪن خضاب ۾.

(۲)

ڇٽَپ جي پيچ ـ ڏاهپ ڪرڻي نٿي پوي،
سونهن جي ساراهہ ڪرڻي ٿي پوي.
دل کي ڪا صورت وڻي ٿي جڏهن،
وات مان ”واهہ واهہ“ ڪرڻي ٿي پوي.

(۳)

سونهن اڳيان آڻ مڃڻي ٿي پوي،
ڇا ڪجي؟ يار! ڪاڻ ڪڍڻي ٿي پوي.
ساهہ پنهنجي جي غذا سرهاڻ آ،
تنهنڪري سرهاڻ وٺڻي ٿي پوي!

(۴)

ڪنهن سمي ڪاوڙ بہ پيهڻي ٿي پوي،
ماڻهپي جي ساک ڏيڻي ٿي پوي.
ڪنهن سمي آثم ائين چوندي آ دل،
سوچ آڻ ٿيڻي ڪا، ٿيڻي ٿي پوي!

## غلام حسين رنگريز

### غزل

اڃان آس جيئري آهي آس ۾،
اڃان گل بہ آهن وهنتل واس ۾.

اڃان سڏ سوريءَ نين پيا نين، اڏن سير ستارن جا آڪاس ۾.
اهو ڪوڙ گهمسان حياتي تہ آ، رکيو آهي ڇا ٻار بنواس ۾.
پڇو ٿا اسان کان ڇو هرڻيءَ جيان، اسان ٻي تہ آهيون گهڻي پياس ۾.
جي جذبن جو ميلاپ سکيو ڪين ٿي، رکيو آهي ڇا پو رڳو ماس ۾.
اهو ڪرب قربن آ تنهنجي ڏنو، ازل کان ٿي آهيون ڏنگيل ڏياس ۾.

## رحيم بخش ”قمر“

سنڌ سوري سون، سنڌ جو مٺڙو نام،
سنڌ جو صبح سڀاڳو، سنڌ جي سهڻي شام.
سنڌ ۾ سانگي سنڌ جا، سنڌ ۾ جهانگي جام.
سنڌ ۾ سنڌو ندي، سنڌ ۾ ڀوڪون عام.
سنڌ هي مالا مال ٿي، سنڌ ۾ سڀ اقسام.
سنڌ ڏني سپوت ٿي، سنڌ ڏني ٿي امام.
سنڌ ڀٽائي گهوٽ ڏنو، سنڌ ۾ آهن ڄام.
سنڌ ۾ هنجهه هزار ڀن، سنڌ ۾ مور مدام.
سنڌ جا ماڻهو مٺيارا، سنڌ سڀاري سام.
سنڌ جو سان مٿاهون، سنڌ کي کوٽ ڪرام.
سنڌ ۾ ماکي، کير، مکڻ، سنڌ ۾ جنس تمام.
سنڌ مٿي نت رحمتون، سنڌ تي سو لک سلام.
سنڌ ۾ وڻ ٽڻ واسيا، سنڌ ۾ لک لک لام،
سنڌ سان قرب ”قمر“ کي، سنڌ سان نينهن نظام.

## قاضي منظر حيات

●

ٽمڪاڪو مُشڪ ائين لڳي ٿو،
ڪينجهر ۾ چنڊ سج لهي ٿو.

اکڙيون ڀڙڀون ڇانوَ ڇپرڙا، وائي تي چپ ڪو سڙهه ڦڙڪي ٿو.
ياد ڀر چانهه جي پيالي آهي، جنهن سان ذهن توانو ٿئي ٿو.
وڇڙيل ڏيل سنڀاري پنهنجي، ٽر ۾ ڪونج سور رڙي ٿو.
شام ڪلهي تي سج ويچارو، رت ۾ وهنتل لاش لڳي ٿو.
ڪوريئڙي جي ڄار ۾ پوپٽ، ڦڙڪي ڦڙڪي ساهه ڏئي ٿو.
طبقن جا بي سوچ نشانا، ذهن ڪبوتر پيو تڙپي ٿو.
جيون راهه ۾ تنها ”منظر“، سائي تنهنجو ساٿ گهري ٿو.

## ذوالفقار سيال

### روايت

اسانکي جي چاهيو
تہ ڪجلي سکهو ٿا
۽ جسم رستن تي
ڇڏيو ٻل کهائي
ڳچيءَ ۾ ڳهڻو
۽ ڦٽن تي ڇڏيو
لوڻ ٻرڪي هلي.
جيون ٿا جي چاهيو
دونهون شهر سارو
ٻٽائي سکهو ٿا.
ڪو آڙاهہ ٻاري
سوين سڱهٺا چهرا
ساڙائي سکهو ٿا.
جيون ٿا تہ هڪ ڦوڪ سان
ڏيهہ سارو
اُڏائي سکهو ٿا
لٽائي سکهو ٿا.
مگر ايترو توکي
جيئو ني پوندو
ٿا چاهون تہ سڀڪجهہ
ڪري تون سگهين ٿو
انهيءَ هوندي بہ
اسان تنهنجي سامهون
اٿل آهيون بيٺا.
اسان جسم پنهنجو
وڍائي سکهون ٿا
نہ هي ڪنڌ اوچو
نوائي سکهون ٿا.
اهائي اسان جي
روايت رهي آ.

## ادل سومرو

### گيت

ڏور بيٺا ڏسو
ڪجهہ تہ ويجهو اچو
ايئن ٻري ڪان پرين!
اوپرا ٿا لڳو.

مُند هيڪار جي
سونهن - سينگار جي
واهہ وسڪار جي
اهڙي مُند ۾ اوهين
ڪين تنها لهو.

لات پنهي لنون
ڪين هيڪل رهن
ني قطارون وڃن
پر اسان کان اوهين
دور ڇو ٿا رهو؟

زندگيءَ جو سفر
توڙي آ مختصر
پر بنا همسفر
آهي ڏاڍو ڏکيو
هاڻي گڏجي هلو.

## مير غلام الله خان ٽالپر

(مور جهنگو)

مون ڏٺو رات توکي خواب ۾ هئو،
چنڊ روشن تنهنجي شباب ۾ هئو.

تنهنجي هر ڳالهه ۾ خمار عجب، گفتو هڪ هڪ ٻُڏل شراب ۾ هئو.
چوطرف تنهنجي اڄ جي خوشبوءِ، جسم تنهنجو ٻڏل گلاب ۾ هئو.
رفتہ رفتہ ڏسڻ، اکين جو جهڪڻ، ربط ڪهڙو تنهنجي حجاب ۾ هئو.
’مير‘ ڪهڙي تنهنجي واکاڻ ڪري، حسن تنهنجو نہ ڪنهن حساب ۾ هئو.

## اقبال رند

### وائي

اپسرا! تنهنجي اڱڻ،
چنڊ آهي ئي نٿو!

ڀيو تڪي تارن وچان،
تنهنجي ڪرائيءَ جو ڪنگڻ،
چنڊ آهي ئي نٿو!

ڏس ڪٿيون مٿرڪن پيون!
آسمان ڏي نيڻ ڪڻ،
چنڊ آهي ئي نٿو!

وار تو تنهنجا ڦلوري،
واهہ ڪي ايڏي نہ وڻ!
چنڊ آهي ئي نٿو!

اپسرا! تنهنجي اڱڻ،
چنڊ آهي ئي نٿو!

## اشرف زمان پير چنڊامي

●

توکان ناز ادا ٿي ويو آ،
منهنجو هوش خطا ٿي ويو آ.

حاذق هاڻ اچي ڀم ڪندا ڇا، درد ٿي ڀاڻ دوا ٿي ويو آ.
پاڻ کهڙي مون کو تہ وتو آ، مونکي پيار عطا ٿي ويو آ.
جنهن کي هٿ سان پاڻ تراشيم، پٿر سو تہ خدا ٿي ويو آ.
سونهن اکيان جو ڪنڌ جهڪايم، سارو ڳوٺ خفا ٿي ويو آ.
حيرت ۾ آ هرڪو اشرف، مون کي آخر ڇا ٿي ويو آ.

## سيد زوار نقوي

### نثري نظم

تنهنجي مٽي جا وار
منهنجي هٿن جي آڱرين ۾.
ائين وکريا پيا آهن،
جڻ
رابيل جا گل
زندگي جي ڪينواس تي
ٽڙيا پيا هين!

## پشپا ولڀ

### سنڊريلا جا جوتا

زندگي نئين ورتل بوٽ وانگر
هر پل چڪ پائيندي رهي ٿي
اهو نئون بوٽ جيڪو خوبصورت ۾ آهي
پائي، شان جو احساس ۾
خودبخود ٿي وڃي ٿو
هر ڏسڻ وارو چئي ڇڏي ٿو
توهان جا جوتا ڪيڏا سهڻا آهن!
ڪٿان ورتا؟

پر سنڊريلا جي جوتن وانگر
ڀڳوان وٽ هر ڪنهن لاءِ
هڪ خاص قسم جا جوتا آهن
خاص ماپ وارا
جيڪي صرف ان کي پورا ايندا.

## آصف ملياڻوي

●

ٽڪڙي چولي سنڌوءَ جهڙي،
پنهنجي پريت نه ساڃن ايهڙي.

پريت سنڌو پرچار ڪيون ٿا، پريت نگر ۾ پيارا ويهي.
ڏور پرانهان ڏونگر ڏوري، ڏسبو تنهنجي پڪڙن پيهي.
بيحد پيارو آهين ڇو جو، پنهنجو رشتو آهي ڏيهي.
غيرت وارو رت رڳن ۾، پنهنجو پيار نه آ پرڏيهي.
قرب نه ڏهندين ڪاڏي ويندس، ڪاوڙ ڪئي تو آهي ڪيهي.

## شفيع چانڊيو

●

دل جو شهر سڄو سنسان،
ڪنڊ ڪنڊ ۾ ويران.

تو بن تنگ آداس گليون، هاءِ لڳن ٿيون سڀ حيران.
ڏور رهي ٿي، ويجهو ڀاسين، ايءَ به تنهنجو آ احسان.
مون ته اوهان جي لاءِ ڇڏيا، ڪولي روح جا روشندان.
تنهنجي شهر ۾ آهيون پيارا، پڻ ٿن ڏينهن جا مهمان.
تو سان هاڻي محب ملڻ جو، روشن ناهي ڪو امڪان.

## پريتم "پياسي"

●

اڄ يار آهي سنايو بهارن،
ڪهڙو غم اسان جو وڌايو بهارن.

ڪٿي ساڪ ڪوئل، پيا مرغ روئي، ڪٿي محب؟ منهنجو لڪايو بهارن.
ڏسي لوڪ سارو ڪئي دانهن دانهن دلڙي، وڏو سور آهي مچايو بهارن.
نه آ باغ ساڳيو نه آ بوءِ ساڳي، ڪٿي ساڳ پنهنجو مٽايو بهارن.
مٺل روح منهنجي ڪئي رڙ جو ايڏي، وري اڄ گلستان سجايو بهارن.
ڇڏي تون پريتم وئين ڪين آئين، مگر وقت ساڳيو ورايو بهارن.

## مرتضیٰ سيياڻوي

### وائي

تـو بـن ڪيئـن جيـان الا،
تو بن ڪيئن جيان.

تات ۾ تانگهہ آ تنهنجي اهڙي،
تـن، مـن ۾ تـڙپـان الا!
تو بن ڪيئن جيان.

خوشيون ويون سڀ سهڻا ڪامي،
ڪهڙا گيت لـڪـان الا!
تو بن ڪيئن جيان.

ساوڻ رُت جي بـادل وانگر،
ٽڙڪيو ٽو ٽڙڪان الا!
تو بن ڪيئن جيان.

غيرن ڪـي دل ڏيـنـدي سهڻا،
سـائـيـن لـڇ مـران الا!
تو بن ڪيئن جيان.

هـاڻ ”سيياڻوي“ وٺ اچ جيڪر،
سير هـي صدقو ڪيان الا!
تو بن ڪيئن جيان.

## مشاهد منگي

### غـزل

لونءِ لونءِ منجهہ لغار غمن جي،
ڏاڍي آهـہ چـمـار غمن جي.

مـاضـي ساري، حـال وساري، ڪٿي نـاهـہ ميار غمن جي.
سو ڪيئن ماڻهو سڏبو سائين، جنهن ڪي ناهہ سنهار غمن جي.
سـاري حـيـاتـي، رهي مماتي، وَهندو ڪير ونگار غمن جي.
ڏک مشاهد! ڪيسين رهندا، آخر ٿيندي هـار غمن جي.

## اڪبر ساگر

●

هيءَ جيون جو سفر ڏاڍو ڏکيو،
هت ماڻ ڪو همسفر ڏاڍو ڏکيو.

پيار جي ڳالهين جي سون ڪئي آرزو، ٿيو هي ڪنهن تان گذر ڏاڍو ڏکيو.
ذهن مان ٻاهر ڪڍي هر ياد کي، ۽ رکڻ دل تي پٿر ڏاڍو ڏکيو.
پنهنجي هٿ سان ٿي ٻري سقراط جيئن، پر پيئڻ آهي زهر ڏاڍو ڏکيو.
ياد جي سڪرات ۾ تڙپڻ پيا، ۽ مرڻ آهي مگر ڏاڍو ڏکيو.
درد جي زخمن ڪان ڏاڍو ڇڙور ٿي، آهه هي منهنجو اندر ڏاڍو ڏکيو.
سمجهه ۾ 'ساگر' نه اڃا آ ڪڏهن، آهي جيون جو چڪر ڏاڍو ڏکيو.

## ذوالفقار هيسباڻي

### گيت

آئي باغن منجهه بهار،
ٽيئڙا آهن مينگهه ملهار.

بلبل گيت خوشيءَ سان ڳايا،
سارنگ آهن رنگ رچايا،
گلڙن مان آئي هڪار.

ناري نارين نهڪي ٻڌي آ،
مڪڙي مڪڙي مهڪي ٻڌي آ.
چپهن جا آهن چهڪار.

بادل برسيا ٿيون گلزاريون،
نهڪيون ٻهڪيون ڏاريون ڏاريون،
پوئٽرن جي آهي پڪار.

"هيسباڻي" آ نغمو ڳايون،
چيٽر وڄايون، جهمريون پايون،
وچڙين جا آهن وسڪار.

## سليمان مولنگي

### وائي

سنگهرن منجهه سنگهار،
وو ميان، سڱتي ڪرين سڱ ٿئي؟

ايهڙي ايندا سور نہ ڪٿندا، سارو لوڪ سيار
وس ريءَ ڪهڙو وس ميان هت، ستُت ۾ ساهه سنگهار
هيل تہ ٻوڙان ٻوڙ ٿئي پل، وَس وَس وسڻهار
سند تي سيڙي سيڙي آئج، واري سڀ ولهار
پنهنجي قسمت پنهنجي ليکي، ليکُ ٿي لکڻهار
مان ٿي آئت مان ٿي واهر، مان ٿي تات تنوار
وو ميان، سڱتي ڪين سڪ ٿئي؟

## اڪرام ساگر عباسي

ياگ پنهنجو مون پلارو پئي ڏٺو،
چمڪندڙ پنهنجو ستارو پئي ڏٺو.

ڀر لڳي ڪنهن جي نظر ڪا اوچتو! | ڪالهه مون رُنڊي پيارو پئي ڏٺو.
سات ڪنهن ٻي ڪونہ مشڪل ۾ ڏنو، | پاڻ کي مون بي سهارو پئي ڏٺو.
جن رکي ڏاڍي سان آهي دوستي، | تن جو مون مشڪل گذارو پئي ڏٺو.
عشق جي مون کي مزا اهڙي ملي، | درد ريءَ ٻيو ڪونہ چارو پئي ڏٺو.
مون سدا ”ساگر“ ڪناري تي وهي، | ڏک ڀريو هي آ نظارو پئي ڏٺو.

## رڪيل موراڻي

●

سانت جي شال اوڙهي سُتي راتڙي،
چنڊُ رابيل جي ڪَلِ جيان پيو ٽڙي.

شاعري دلڪشي مرڪ ”ڪوڪوش“ جي، دُور جلاد جي هانوَ تي ڇڳوچڙي.
وقت جي ناءَ ۾ نهڪ ڦهلاءَ سان، باڪ جي ساک جي راڳڻي آ ڇڙي.
چنڊ آڪاس تي چيڙ ڀائي نچيو، گيت ڳاتا سڄي رات تارن مڙي.
تون وڻينءَ ها مگر ياد جي چاندني، من آڳنڌ مٿان چوڏهينءَ جان ڪڙي.

## ساغر سميجو

### ڪيئن ڪريان؟

تنهنجي اکين جا سفر
سيني ۾ سانڍيان
پيو ڪجهه ڪيئن ڪريان؟
توکي ٿي ياد ڪريان.

منهن ۾ مچ هونئن ٿي متل
ڪجرو ٻرئي منجهه اکڙيان
پيو ڪجهه ڪيئن ڪريان؟
توکي ٿي ياد ڪريان.

هَٿ هَٿ گجرا
مرڪ سندءِ مٿَڪرا
نظرن جي جهول ڀريان؟
پيو ڪجهه ڪيئن ڪريان؟
توکي ٿي ياد ڪريان.

ڦول اکين جا، ڦول چپن جا
ڦولن الڳ ٽڙيا
دل ٿي چوي ڦولن جو
ٻاڪر ڪٿي ڀريان!
پيو ڪجهه ڪيئن ڪريان؟
توکي ٿي ياد ڪريان.

پهر اکهاڙا، پنڌ اٿائو
۽ ٻاٻري ڪَنڌ
وک ڏريان؟ نہ ڏريان؟
تون تہ آهين ڪا ڪونج ڀريان
پيو ڪجهه ڪيئن ڪريان؟
توکي ٿي ياد ڪريان.

**شائق ڪمبوهه**

## غزل

دوستن جي سدا عنايت آ،
جان پنهنجي تڏهن سلامت آ.

درد، غم، انتظار ۽ پڙڪڻ، پيار جي اصل ۾ وضاحت آ.
پيار سان ئي ته آهي جڳ قائم، پيار سڀ کان وڏي عبادت آ.
هونئن به سچ آ وڏو ڏوهي، ڪوڙ جي هر گهڙي حفاظت آ.
سڌو رستو سهندي به چپ رهيو 'شائق'، پنهنجي استاد جي هدايت آ.

**پارس حميد**

## ترائيل

هن بي انت وڇوڙي جو ڪنارو ناهي،
تون دور ڪيڏو دور ٿي وئي آهين.
هن اداس دل جو ڪو سهارو ناهي،
هن بي انت وڇوڙي جو ڪنارو ناهي.

ڏکن جي صحرا ۾، جيئڻ جو چارو ناهي.
مون سان وري نه ملڻ جو چئي وئي آهين.
هن بي انت وڇوڙي جو ڪنارو ناهي،
تون دور ڪيڏو دور ٿي وئي آهين.

**سيد امجد**

اڄ مٽيءَ جي انگڻ تي آيو هو،
ڪو ساونڻ رُت جي مينهن وانگي،
۽ ڪجهه پل ۾ سيراب ڪري ويو،
ڪومل دل جي پاڙن کي.

سرور جي سومار تي، آهس آس ڪري،
ادب نوڙت نياز مان، پرتان پير پري،
ته من منڊم منٺار چئي، ڪنهن سوليءَ وات وري،
صحبت شال سري، مٺي مرشد پاڪ جي.
- منٺار فقير راڄڙ جو چوڻ هڪ "ڏهر"

# مقالا

اويسي جو لفظ حضرت اويس القرني سيد التابعين جي نالي مبارڪ سان منسوب آهي. پاڻ يمن جي علائقي قرن جا رهاڪو هئا. حضور جن جي پرڀ اسلام قبول ڪيو هئائون، مگر ملاقات جو شرف حاصل نه ڪري سگهيا. پاڻ (سنه ١٧ هجري کان پوء) يمن جي هڪ امدادي فوج سان مديني پاڪ ۾ آيا ۽ حضرت عمر رضي الله عنه سان سندن پهرين ملاقات ٿي. ڪجهه عرصو ڪوفي ۽ بصري ۾ گوشه نشيني جي زندگي گذاريائون ۽ الله جي عبادت ۾ مشغول رهيا، جنهن کان پوءِ ڪيترين جنگين ۾ حصو ورتائون.

سندن لاڏاڻي بابت تاريخ جي ڪتابن ۾ مختلف روايتون ملن ٿيون. هڪڙي روايت آهي ته آذربائيجان جي هڪ معرڪي ۾ (٢٠ کان ٢٢هه) حصو وٺي کان پوءِ موٽندي رستي ۾ اوچتو بيمار ٿي وفات ڪري ويا (حليه الاولياء، ٢: ٠٩)

ٻي روايت موجب جنگ صفين (٣٧هه-٦٥٧ع) ۾ حضرت علي رضہ جي طرفان شريڪ ٿيا ۽ شهيد ٿي ڪنهن پاسي گم ٿي ويا.

اڪمال في اسماء الرجال جي عبارت آهي ته "فُقِدَ بصفين سنة سبع وثلثين" معنيٰ "گم ٿي ويا صفين مان سنه ٣٧هه ۾."

ٽي روايت سندن دمشق ۾ وفات ۽ مقبره باب الجابيه ۾ دفن ٿيڻ بابت آهي.

چوٿين روايت آهي ته پاڻ مڪي شريف ۾ وفات ڪري ويا (١).

هڪ ٻي روايت موجب، سيلاني ماڻهن کان معتبر سندن سان ٻڌڻ ۾ آيو ٿو ته حضرت جو مقبرو ڪن مٿاهن جبلن ۾ موجود آهي، يعني سن شهر جي ويجهڙائيءَ وارن جبلن ۾، جتي هر سال ٩ ذوالحج جي رات ميلو لڳندو آهي (٢).

تاريخ مظهر شاهجهاني وارو به ساڳي ڳالهه جي تصديق ڪندي لکي ٿو ته "سن کان پنج ڪوهه پري ٽڪي جي طرف ڏاڪڻ هڪ جبل آهي، جنهن تي حضرت خواجه اويس قرنيءَ جي مزار پئي ٻڌجي، جتي سندس والده جي مزار به آهي. هيءَ جاءِ اويس قرنيءَ جي نظرگاهه به ڪوٺجي ٿي. صبح جي موقعي تي جبل ۽ ٻين پاسن کان حشام ماڻهن جا زيارت لاءِ هتي ايندا رهن ٿا" (٣).

سنڌ ۾ اويس قرني عليه الرحمت جي روضي مبارڪ جو هجڻ ۽ ان تي ساليانو ميلو لڳڻ تي وقت جي عالمن اعتراض ڪيو ته حضرت اويس يمن مان هلي اچي سنڌ ۾ وصال ڪيو يا حضرت علي ڪرم الله وجه جي لشڪر ۾ شهادت پرائي اچي سن واري جبل ۾ مدفون ٿيو.

---

(١) انسائيڪلوپيڊيا [اردو] جلد ٽيون، دائره معارف اسلاميه، پنجاب يونيورسٽي لاهور، ص ص ٥٧٠ ۽ ٥٧١.

(٢) سراج العارفين.

(٣) تاريخ مظهر شاهجهاني، يوسف ميرڪ (ترجمو: نياز همايوني)، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد ١٩٧٩ع، صفحو ٢٩٩.

ساڳي طرح حضرت غوث الحق مخدوم نوح رحہ جن جو بہ ظاهري مرشد نہ آهي، ان ڪري ڪين پڻ "اويسي المشرب" چيو ويندو. انهيءَ سبب جي ڪري ڪين سهروردي سان گڏوگڏ اويسي پڻ سڏيو ويندو آهي.

اويسي بزرگن بنسبت چيو وڃي ٿو تہ اهي سڳورا ذڪر سان گڏ "اويس، اويس" جو نعر پڻ هڻندا هئا.

ساڳي طرح حضرت غوث الحق مخدوم نوح رحہ جن شروعات ۾ "لا الہٰ الا اللہ" جي ذڪر سان گڏ "اويس، اويس" بہ گهڻو چوندا هئا (١).

قطب الاقطاب حضرت مخدوم نوح رح جن پنهنجي اويسي شرف حاصل ڪرڻ بابت فرمائين ٿا تہ "جڏهن چوڏهن ورهين جي ڄمار ۾ قرآن پاڪ پڙهندو هئس، هڪڙي ڏينهن حضرت ابوبڪر صديق رضہ تشريف فرما ٿيا ۽ فرمايائون تہ حضرت محمد مصطفيٰ صلي اللہ عليه وسلم جن توهان کي سڏايو آهي. پاڻ ٻئي سڳورا مون کي پاڻ سان هڪڙي عجيب ۽ حيرتناڪ رستي تان وٺي هليا، تان جو هڪ جبل تي اچي چڙهياسون. اتي هڪڙي عاليشان جاءِ هئي، پاڻ مون کي ان ڏانهن هلڻ جو اشارو ڪيائون. جڏهن اتي پهتاسون تہ حضرت عيسيٰ عليه اسلام جن جي ڪچهري لڳي پئي هئي. مون کي سندن اڳ و پيش ڪيائون، انهن اسان جي ڏاڍي عزت ڪئي. سندن هٿ ۾ هڪ ڦرهي هئي، جيڪا مون کي عنايت ڪيائون، جنهن تي ٽي سٽون لکيل هيون ۽ مون کي سبق وانگر پڙهايائون. اتي مون کي حضور جن صلي الله عليه وسلم جو ديدار نصيب ٿيو، سندن اشاري تي ويجهو حاضر ٿي سندن قدمبوسي جي سعادت حاصل ڪيم. حضور جن گهڻيون مهربانيون ۽ لطف فرمايا. ڦرهي وٺي اهي ٽئي سٽون ڏسي-ڏسي سر سبق پڙهايو. اتان ٿي اچي وهب الاهي جو آغاز ٿيو. لدني علم جا دروازا کلي پيا. ظاهري ۽ باطني علوم جا درياهہ سيني ۾ پلتجي پيا ۽ تعليم و تربيت جو سڌو رب تعاليٰ سان تعلق پيدا ٿي پيو ۽ سڌو سنئون ان جو مريد ٿي پيس."

حضرت غوث الحق جن جي اهڙيءَ طرح بلاواسطہ ظاهري مربي ۽ مرشد جي سڌو رب تعاليٰ جي ذات اقدس کان تلقين وٺڻ ۽ فيض پرائڻ کي اويسي طريقو ٿو چئجي. (٢) ڪامل عارفن اويسيت جي اوائلي سڃاڻپ ۽ تعريف ڪئي آهي تہ الله تعاليٰ پنهنجي ڪنهن خاص ٻانهي کي ڪنهن ٻئي جي وچ ۾ پوڻ کان سواءِ پنهنجي بي انتها فضل ۽ ڪرم سان صمدي تعليم سان مشرف ۽ ممتاز ڪري پاڻ تعليم ۽ تربيت عطا ڪري ۽ تلقين بخشي تہ اهو شخص اويسي طريقي ۽ اويسي نسبت وارو ٿي پوندو.

حضرت مخدوم نوح عليه الرحمت جي اويسي هجڻ جي سلسلي ۾ حضرت بهاؤ الدين گود ڙيو فرمائي ٿو تہ ٽٽي شهر ۾ حضرت ميان محمود ڪاريءَ رح جي جاءِ تي، جيڪو حضرت مخدوم

---

(١) سفينة النوح في سڪينة الروح (قلمي) تاليف مخدوم غلام حيدر صديقي، صفحو ٨٢ کان ٨٦.
(٢) رسالہ فتحي، (قلمي) از مخدوم فتح محمد رحمت الله عليه (طالب المولي لائبريري هالا.)

اعظم جن جو مريد پڻ هو، فقيرن ۽ الله وارن جي محفل مچايو ويٺا هئا، ۽ ڳالهه پئي ٿي ته فلاڻو بزرگ فلاڻي ولي الله جو عقيدتمند ۽ فلاڻو فقير فلاڻي شيخ جو مريد آهي. اُتي جي هڪ مشهور بزرگ مخدوم فضل الله، شيخ ابوبڪر رح (حضرت مخدوم نوح رح جي ڏوهٽي) کان پڇيو ته حضرت مخدوم نوح رح جن ڪهڙي بزرگ جا عقيدتمند ۽ مريد آهن. شيخ ابوبڪر رح جن جڏهن مخدوم نوح عليه الرحمت جن جي خدمت ۾ حاضر ٿيا ته ساڳيو سوال ڪائن معلوم ڪيائون. حضرت مخدوم اعظم جن ارشاد فرمايو ته، "اسين مخلوق مان ڪنهن جا به مريد نه آهيون، پر قادر جي ڪرم جا مريد آهيون."

شيخ ابوبڪر اطمينان سان سچي ڳالهه مخدوم فضل الله جن کي ٻڌائي. ان چيو ته بيشڪ هو سچو شخص آهي، ۽ پاڻ اويسي اولياء جو درجو رکن ٿا. ان بعد مخدوم فضل الله سڀ شڪ شبها ختم ڪري هردم پنهنجن ۽ مريدن واري روش اختيار ڪئي.(١)

جنهن وقت هي واقعو رونما ٿيو هو تڏهن مخدوم اعظم حضرت غوث الحق رحمت الله عليه پورا ٽي مهينا ٺٽي شهر ۾ مقيم رهيا ۽ پنهنجي فيض ۽ برڪت سان الله وارن، نيڪ ماڻهن ۽ حاجتمندن جي رهبري ۽ سروري ڪندا رهيا.(٢)

اهڙيءَ طرح حضرت مخدوم نوح رح اويسي ٿيا ۽ اويسي ولين جو درجو سڀني اوليائن کان بلند ۽ بالاتر هوندو آهي. مٿين سمورن دليلن ۽ تاريخي حقيقتن جي ڄاڻ حاصل ڪرڻ بعد، ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي ان خيال جي واضح ترديد ٿي وڃي ٿي ته مخدوم صاحبن جو سلسلو اويسي نه آهي، ۽ پير اويس بابت چيل ڏهر مخدوم صاحبن جي سلسلي جي ڪنهن فقير جو چيل نه آهي، پر اهو پڪ سان چئي سگهجي ٿو ته اهو ڏهر سروري جماعت جي ڪنهن فقير جو چيل آهي، جنهن ۾ پنهنجي مرشد کي اويسي پير ۽ ان جي مڃيندڙن ۽ مريدن کي اويسي سڏيو اٿس.

جيستائين درويش نوح هوٿياڻي جو ذڪر آهي، جنهن جي درگاهه تي هي ڏهر ٻڌو ويو ان جو تعلق پڻ جماعت سروري سان آهي. هن بزرگ بابت جيڪي تفصيل هٿ اچي سگهيا آهن، سي هن ريت آهن:

صاحب الفيض والفتوح حضرت مخدوم نوح عليه الرحمت جن جي والد ماجد مخدوم نعمت الله رحمت الله عليه جن جي خدمت ۾ هڪ فقير رهندو هو. هڪ ڏينهن اهو درويش اُين چئي مخدوم نعمت الله جن وٽان هليو ويو ته اوهان جي پيشانيءَ ۾ جيڪو نور هو، اهو منتقل ٿي چڪو آهي. جنهن ڏينهن مخدوم نوح رح جن جي ولادت باسعادت ٿي ته اهو بزرگ اتي پهچي ويو ۽ مخدوم نوح رح جن جي بيعت ڪري مريد ٿيو.

---

(١) سفينة النوح (اردو قلمي) تاليف مخدوم غلام حيدر رح. تصحيح ۽ حاشيه عبدالله ورياهه، طالب المولى لائبريري هالا، صفحو ٧٦-٧٧.

(٢) سراج العارفين، قلمي، طالب المولى لائبريري هالا، صفحو ٩٩.

ڪي ڪنهن ڪان اهاني صدا ٻڌي رهيو آهيان تہ ڄام تماچيءَ جو حڪم آهي.“ اها بشارت ٻڌي ڪين نهايت خوشي ٿي ۽ درويش سان پنهنجو سڄو احوال ڪيائون ۽ مقصد حاصل ٿيڻ خاطر پاڻ تي نذرانو مقرر ڪيائون.

غالباً انهيءَ موقعي تي درويش ڪين دعا ڪئي تہ فتح اوهان جي آهي. چون ٿا تہ درويش نوح ان موقعي تي هي بيت پڙهيو:

جوڻو وڃي جهوري ماريو،
ڄام تماچي شهرين چاڙهيو.(١)

يعني تہ ”ڄام جوڻي کي وڃي پورو ڪريو، ۽ ڄام تماچي کي ملڪ جو بادشاهہ بڻايو.“

درويش نوح هوٿياڻي هي دعائيہ فقرا تڏهن چيا جڏهن ڄام تماچي سنڌ ۾ پهچي ويو هو ۽ اتي ڏاڍهن ويندي ڪيرن وٽان اچي لالڳهاڙو ٿيو. تاريخي لحاظ ڪان ڄام تماچي غالباً سلطان فيروزشاهہ جي فوت ٿيڻ (١٨- رمضان ٧٩٠-١٣٨٨ع) تي دهلي ڇڏي.(٢) مقصد تہ هي واقعو بہ ان تاريخ ڪان سٽت پوءِ جو آهي. مخدوم نوح عليه الرحمت جن جي تاريخ ولادت ٢٧- رمضان المبارڪ ٩١١هہ آهي ۽ سندس دارالبقا ڏانهن روانگي ٢٧- ذوالقعد ٩٩٨هہ جو ظهور پذير ٿي.(٣) جنهن سان اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ بزرگ نوح فقير هوٿياڻي ڄام تماچي جي سنڌ ڏانهن واپس ورڻ (٧٩٠هہ-١٣٨٨ع) وقت ننڍي عمر جا هئا ۽ سندن عمر مخدوم نوح عليه الرحمت جي ولادت (٩١١هہ) وقت اٽڪل سوا سؤ سالن کان مٿي هوندي. هي فقير پنهنجي وقت جو نالي وارو درويش ٿي گذريو آهي ۽ سندس ڪيئي ڪرامتون مشهور آهن. بناڪنهن شڪ شبهي جي پاڻ مخدوم نوح رحمت الله عليه جا سچا ۽ پلارا مريد هئا. سندن اولاد اڄ تائين بہ درگاهہ سروري سان ساڳي عقيدت رکن ٿا ۽ مريد آهن.

مٿين سڀني ڳالهين سمجهڻ سان اهو ثابت ٿئي ٿو تہ مخدوم نوح عليه الرحمت جو سلسلو نہ صرف سهروردي پر ”اويسي“ پڻ آهي ۽ سندن مريد هجڻ جي حيثيت ۾ درويش نوح هوٿياڻي کي پڻ اويسي چئي سگهجي ٿو.

---

(١) حديقة الاولياء (قلمي ١٢٤٠ع) مير علي شير قانع واري نسخي جي حاشئي تي هي بيت لکيل آهي.

(٢) سنڌي بولي ۽ ادب جي مختصر تاريخ، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، زيب ادبي مرڪز حيدرآباد ١٩٨٠ع، ١٨٢-١٨٣.

(٣) سفينة النوح (اردو) قلمي. تاليف مخدوم غلام حيدر صديقي، تصحيح ۽ حاشيہ عبدالله ورياهہ صفحا ١٥٣-١٥٤.

# شاهہ عبداللطيف جي حياتيءَ جو احوال

## (قسط ٢)

از

**ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ**

[نوٽ: هي مواد، ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي تيار ڪيل "شاهہ جي رسالي" جي جامع مستند متن واري ايڊيشن جي مقدمي جو ٻيو حصو آهي. ان جو پهريون حصو ص ص ١ - ٢٦ مهراڻ ٣/١٩٨٩ع ۾ شايع ڪري چڪا آهيون. سنڌي ادبي بورڊ پريس ۾ ڇپيل ۽ ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز ڪميٽيءَ طرفان ڇپايل "شاهہ جي رسالي" جي هن مثالي ايڊيشن کي ۾ ڀٽ شاهہ ۾، ٢٤٥ - هين عرس شريف جي موقعي تي "سنڌ گورنرس ادبي ايوارڊ - ١٩٨٩ع" جو مستحق قرار ڏنو ويو.]

سلوڪ ۽ طريقت ۾ 'مرشدي' جي مقام تي فائز هو انهي ڪري، شاهه صاحب هڪ خاص قدم کنيو جيڪو سندس اعليٰ شعور تي شاهد آهي.

سلوڪ ۽ طريقت جا رهنما ۽ عارف عامي سطح وارن ويچارن کان آجا هوندا آهن، پر 'اويسي طريقي' بابت عوامي سطح تي اهڙا ويچار پيدا ٿي سگهن ٿا ته غائبانه مرشد وٺي سگهجي ٿو يا نه، ۽ اهڙي مماتي وارن کي به مرشد وٺي سگهجي ٿو يا نه! شاهه صاحب انهن مسئلن جي وضاحت لاءِ ٿٽي جي وڏي محقق عالم ۽ صوفي مخدوم محمد معين ڏانهن، جيڪو ان وقت شاهه صاحب سان محبت ۽ عقيدت جي رشتي ۾ اڃي چڪو هو، 'اويسي طريقي' بابت هڪ خاص خط لکيو جنهن جو مخدوم صاحب تحقيق ۽ تفصيل سان جواب ڏنو، ۽ پوءِ فارسي ۾ لکيل انهن ٻنهي خطن جو متن 'رساله اويسيه' جي نالي سان مشهور ٿيو. هيٺ شاهه صاحب جو سڄو خط ۽ مخدوم محمد معين جي لکيل تفصيلي جواب جو اختصار ڏجي ٿو ته جيئن ٻنهي جو موضوع ۽ مقصد معلوم ٿي سگهي ۽ پڻ شاهه صاحب جو هيءُ تاريخي خط سامهون اچي وڃي(١).

**سوال خدام حضرت شاهه صاحب سلمه الله**

بسم الله الرحمان الرحيم

[١] چه فرمايند علماء کرام مراجع انام اندر آنچه لفظ "اويسی" در کلام طائفه صوفيه رضوان الله تعاليٰ عليهم اجمعين واقع شده يا نه؟ و بر تقدير که واقع شده باشد، چه معنيٰ دارد؟ اگر "اويسی" کسی است که فيض از روحانيت گيرد، مرشد ظاهر با اين منافات دارد يا ندارد؟

[٢] ونيز فيض گرفتن از ميت در عالم برزخ عقل و شرع آنرا تجويز نمايد يا نمايد؟

**حضرت شاهه صاحب سلمه الله جن جي خادمن جو سوال**

بسم الله الرحمان الرحيم

[١] علماء ڪرام، جيڪي خلق جي رجوعات جا مرڪز آهن، هن باري ۾ ڇا ٿا فرمائين ته: لفظ "اويسي" صوفين جي جماعت جي ڪلام ۾ آيل آهي يا نه؟ جيڪڏهن آيل آهي ته ڪهڙي معنيٰ اٿس؟ جيڪڏهن "اويسي" اهو شخص آهي جيڪو روحاني فيض حاصل ڪري ٿو ته (ان حالت ۾) ظاهري مرشد (وٺڻ سندس) هن (عمل ۽ اعتقاد) سان مخالفت رکي ٿو يا نه؟

[٢] ۽ پڻ ان ميت کان جيڪو عالم برزخ ۾ آهي، فيض وٺڻ کي عقل ۽ شريعت جائز ڏيکارين ٿا يا نه؟

---

(١) راقم شاهه صاحب جو خط مخدوم معين جي جواب جي اختصار سميت رسالي "نئين زندگي"، نومبر ١٩٥٣ع ۾ ڪجهه وڌيڪ تفصيل سان شايع ڪيو آهي ۽ اتي ڏسڻ گهرجي.

[۳] و نیز فقر و سلوک را باقوال علمای ظاهر منافات هست یا نه؟

[۴] و نیز یکي از کبار ان اولیاء الله تعالیٰ که مشهور بخوارق عادات و کرامات باشد، لیکن سلسلهٔ ارادت بتعین مشائخ، مثل سلسلهٔ نقشبندیه و قادریه مشهور ندارد طریقهٔ آن بزرگ راست بنیاد و بي اصل توان گفت یا نه؟

[۵] شما که علمای حامي دین و بیان کنندهٔ قبیح و حسن اند، مي برسر شمارا که جواب این مقدمات چه باشد؟ و میخواهم که بعبارت فارسي سهل‌الماخذ آنرا بقید قلم آرید که نفع عام شود و انتفاع باقي ماند. جزاکم الله سُبحانه و عافاکم کما یحب و یرضي و اجرکم و رضي عنکم آمین.»

**جواب خدام حضرت مخدومنا سلمه الله**

**بسم الله الرحمان الرحیم**

حامد الله سبحان العظیم و مصلیا و مسلما علیٰ رسوله الکریم و اهل بیته الفخیم و اصحاب ذوي الفضل العظیم. اما بعد،

[۱] جواب سوال اول آن است که "اویسي" در کلام حضرات صوفیه واقع شده و اشتهار یافته، چنانچه بر ناظر کتب قوم

[۳] ۽ پڻ فقر ۽ سلوڪ (جي نظرين) جي، ظاهري عالمن جي قولن سان مخالفت آهي يا نه؟

[۴] ۽ پڻ اولياء الله مان ڪو وڏو ولي جو (سندس) عجيب ڪارنامن ۽ ڪرامتن سبب مشهور هجي، مگر (پنهنجو) مريديءَ جو سلسلو ڪن خاص مشائخن، جهڙوڪ نقشبندين يا قادرين، سان رکندڙ نه هجي، ته پوءِ ان بزرگ جي طريقي کي ضعيف ۽ بي بنياد چئي سگهجي ٿو يا نه؟

[۵] اوهان، دين جي مددگارن ۽ برائي ۽ ڀلائي جي بيان ڪندڙن کان پڇان ٿو ته انهن مسئلن جو جواب ڪهڙو آهي؟ آءٌ چاهيان ٿو ته انهن (جوابن) کي سليس فارسيءَ ۾ قلمبند ڪريو ته عام فائدو ٿئي ۽ اهو نفعو هميشه لاءِ باقي رهي - شل ڏني تعاليٰ اوهان کي پنهنجي محبت بخشي، ۽ اوهان کي اجر ڏئي، ۽ اوهان کان راضي رهي. آمين!

**اسان جي حضرت مخدوم سلمه الله جن جي**

**خادمن جو جواب**

بسم الله الرحمٰن الرحيم

[۱] پهرئين سوال جو جواب هيءُ آهي ته: لفظ "اويسي" صوفي حضرات جي ڪلام ۾ آيو آهي ۽ عام استعمال ٿيو آهي جيئن ته هنن بزرگن جي ڪتابن پڙهندڙن کان لڪل

نهايت پيار سان پڙهائيندو هو. شاهه صاحب اچي ڪيس مليو ۽ پڇيائين تہ: ’ادا پاڙهين ٿو يا ڪارين ٿو!‘ حافظ اسحاق جواب ڏنو تہ: ’جي ڪاريندس تہ بہ لطيف ٿيندا‘ [يعني اکرن ۾ ڪريا تہ بہ اخلاق ۾ لطيف (=نيڪ ۽ پاڪ) ٿيندا]. شاهه صاحب اشارو سمجهيو ۽ سائس وڏي محبت سان مليو. شاهه صاحب وٽس پيرا ڪندو هو (’مشائخ هوتي‘ ۽ ’مُلڪو دڙو‘ ماڳن جي مشهور مقامي روايت).

- ميون محمد مبين ٺَٽائي، مخدوم محمد هاشم جو همعصر ۽ دوست، پنهنجي وقت جو وڏو عالم، ۽ درسگاهہ ’چوٽياريون‘ (ضلعو سانگهڙ) جو باني هو (جيڪا ڪانئس پوءِ وڏي اوج کي پهتي). شاهه صاحب اڪثر سانوڻ ۾ وٽس ايندو هو. هڪ پيري گڏجي ماني کاڌائون ۽ پوءِ صحبت ۾ وينا تہ گهڻو وقت ويا ۽ البت دير ٿي وئي. جڏهن شاهه صاحب موڪلايو تہ ميين مبين چيو تہ: ’جهڙ ڦڙ آهي ترسي پئو‘. شاهه صاحب جواب ڏنو تہ:

”رداءِ جا رضا جي سا اوڇڻ آديسين“

پوءِ موڪلائي روانو ٿيو. (مشهور روايت جنهن جي تصديق انهيءَ سان بہ ٿئي ٿي جو اها سٽ رسالي ۾ ’سر رامڪلي‘ جي هڪ بيت ۾ موجود آهي).*

- مخدوم دين محمد صديقي سهروردي سيوستاني (۹۲-۱۱۹۳هہ)، اصل ’پاٽ‘ جو پوءِ اچي سيوهڻ ۾ رهيو هو. شاهه صاحب سان سندس گهاٽا دوستانا تعلقات هئا جو هڪ ٻئي سان دستارون بدلائي پڳ مٽ يار ٿيا هئا. مخدوم موصوف ظاهري علم توڙي تصوف ۽ طريقت ۾ وڏو ڪامل عامل هو (تذڪره مشاهير سنڌ، جلد-۱، ص ۸٦ ۽ ۲۰۳).

- ميون محمد صلاح بن ميون محمد عارف (ٻاسوڙي جو، پوءِ ’مٽياري‘ ۾ رهيو)، فارسي جو عالم ۽ مولانا رومي جي مثنوي جو وڏو ڄاڻو هو. شاهه صاحب جو معتقد ۽ مريد ٿيو، ٻاهر سفر ۾ هميشه سائس گڏ هوندو هو ۽ روزانو مثنوي جو وعظ ڪندو هو. شاهه صاحب وٽ سندس وڏي عزت هئي ۽ ڪيس

---

* هي ملاقات غالباً هن دور جي آخري سالن ۱۱٦۰-۱۱۵۵هہ ۾ ٿي. مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي ان وقت شاگرد هو، چوٽيارين ۾ پڙهندو هو ۽ ميين محمد مبين کي ’ابو‘ ڪري سڏيندو هو. شايد ماني وقت هو خدمت ۾ موجود هو جو جنهن پيالي ۾ شاهه صاحب پاڻي پيتو سو گرهوڙي صاحب سنڀالي رکيو (ٻيءَ روايت موجب اهو پيالو شاهه صاحب پاڻ ڪيس ان موقعي تي يا ٻئي موقعي تي ڏنو هو) جيڪو هن پوئين ويجهي دور تائين گرهوڙ ۾ سيدن وٽ حفاظت سان رکيل هو (لطف اللطيف، ص ۹۰).

يادگار آهن، 'لال لئو'، 'ڪنڊو' ۽ ڪي ٻيا ماڳ مڪان پڻ سنڌس زندگيءَ جي ماضي وارن مرحلن جا نشان آهن. پر حقيقت ۾ 'شاه جو رسالو' ۽ 'شاهه جو راڳ' ئي حضرت شاهه صاحب جي سوانح جا جٽرا جاڳندا باب آهن. رسالي ۾ محفوظ سندس پنهنجو ڪلام، حضرت شاهه صاحب جي اعليٰ شاعري ۽ عارفانه بصيرت تي شاهد آهي. ساڳئي وقت اهو سنڌي ٻوليءَ جو دائمي دستاويز آهي. اهو چڻ الهامي ڪلام آهي جيڪو شاهه صاحب جي عالمگير فڪر جو مظهر آهي، اسلامي تعليم ۽ تلقين جو روح آهي، زندگي جي مختلف مرحلن ۽ موڙن تي انسان جي فطري جذبن ۽ احساسن جو عڪس آهي، ۽ اعليٰ انساني اخلاق ۽ ڪردار جو آئينو آهي. ٻئي طرف 'شاهه جو راڳ' سنڌي موسيقي جو هڪ اهم تاريخي ادارو آهي، جنهن جو شاهه صاحب پاڻ بنياد وڌو ۽ ان جي تڪميل ڪئي - اهو انهيءَ لاءِ ته درديلي ۽ مٺي آواز ۾ ڳايل سندس بيتن ۽ وائين ۾ سمايل حق ۽ حقيقت، فڪر ۽ هدايت جو دلين تي خاص اثر ٿئي: اهڙو اثر جيڪو سالم دلين کي وڌيڪ سنواري، ڪٺيل دلين کي آجاري، بلڪ مُئين دلين کي جياري.

جي ذريعي انهن سنسان پهاڙي علائقن جي وچان هن سڙڪ کي وري نئين سر هموار ڪيو ويو آهي جيڪي صدين کان سماجي، ثقافتي، تهذيبي ۽ تمدني اثرن ۽ مذهبي مبلغن جي اچ وڃ جو ذريعو رهيا آهن. هن شاهراهه جي نئين سر تعمير سان گويا ”دنيا جي عجائبات“ ۾ اڻين عجائب جو اضافو ڪيو ويو آهي، جنهن جي تعمير ۾ چيني ۽ پاڪستاني (آرمي) انجنيئرن وڏو ڪمال ڪيو آهي، ۽ هزارين جانيون قربان ڪيون آهن. هنن جي قربانين دنيا جي پراڻي تاريخ ۾ نئين باب جو اضافو ڪيو آهي.

”ڪاراڪورم“ جي لفظي معنيٰ ”ڪارا جبل“ آهي. جبلن جي هيءَ هڪ وڏي قطار آهي، جيڪا چين ۾ ”پامير“ وٽ موڙ کائي ٿي. ٻي وڏي قطار هماليہ جبلن جي آهي. هي جبل اتر طرف چين ۽ ڏکڻ طرف برصغير جي وچ ۾ هڪ مضبوط ديوار مثل آيا آهن، ۽ ”اوڪسس“ (Oxus) ريجن ۽ وادي ءِ سنڌ اندر، ماڻهن جي چرپر لاءِ رڪاوٽ بنيل آهن. اهڙيءَ طرح ”گزر“ (Ghissar) ۽ ”الائي“ (Alai) جبل اتر ۽ ڏکڻ طرف بيٺل آهن، انهيءَ ڪري اهي اوپر ۽ اولهه طرف وارن خطن جي وچ ۾ آمدرفت ۽ چرپر کي روڪيو بيٺا آهن. اتر-اوپر طرف جبلن جون پيون به ڪيتريون ئي قطارون آهن، انهن ۾ سڀ کان وڏيون مشهور ”ڪُن لُن“ (Kun Lun) ”تين شان“ (Tien Shan) ۽ ”التائي“ (Altai) آهن. انهن قطارن جي وچ ۾ ڏکڻ طرف ”تريم“ (Tarim) وادي ۽ اتر طرف ”زونگرئي“ (Dzungarai) وادي/ترائي آهي. اهي واديون ۽ ترايون منگوليا جي ڏکڻ-اولهه طرف جهڪيل آهن، ۽ انهن جو گهڻو حصو قديم ترڪستان جو حصو آهن. اهي ئي ترايون آهن جتان ٻڌمت جا مبلغ ۽ پرچاري گندارا کان چين، منگوليا، ڪوريا ۽ جپان تائين اچ-وڃ ڪندا هئا.

هماليہ ۽ ڪاراڪورم قطارن جي وچ وارين ماٿرين مان طاقتور سنڌو درياءَ ٽڪرن کي ٽاڪيندو، چٽن کي چيهون چيهون ڪندو، جبلن کي جهوريندو، گجندو، دهشت مچائيندو، هزارن آبشارن، ندين ۽ نالن کي پاڻ ۾ پائيندو، انهن کي هضم ڪندو، پاڪستان ۾ ”اسڪردو“ کان وڪڙ کائي اتر-اولهه طرف وهندو ”ساسلي“ (Sasli) کان اولهه طرف موڙ کائي ”جنگلوٽ“ وٽان شاهراهه ريشم جو ڪنارو وٺي، ”رائڪوٽ“ وٽ سر اولهه مڙي، ”چلاس“، ”ٿور“، ”شتيال“، ”سازينا“ تائين پهچي، پوءِ ڏکڻ ۽ ڏکڻ-اولهه طرف مڙي، ”داسو“، ”ڪوميلا“، ”پٽن“، ”بشام“ ۽ ”ٿاڪوٽ“ وٽ شاهراهه ريشم کان هيٺ اچي، تربيلا بند کان پوءِ اٽڪ وٽ ڪابل درياءَ کي پائيندو، هيٺ وادي ءِ سنڌ جي پنجاب ۽ صوبہ سنڌ ۾ داخل ٿئي ٿو. اسان جي ديومالائي ڪهاڻين ۾ ”هماليہ“، ”ڪاراڪورم“، ”ننگا پربت“ ۽ ”راڪاپوشيءَ“ کي جنن ۽ پرين وارو جبل ”ڪوهه ڪاف“ سمجهندا آهن.

اسلام آباد کان هوائي جهاز ۾ ”گلگت“ ڏانهن اڏامندي، ننگا پربت مٿان جڏهن جهاز پرواز ڪندو آهي، ان وقت جبلن جي مٿان ڦهليل برف بلڪل اهڙو منظر پيش ڪندي آهي،

چين جا واپاري قافلا، تريم (Tarim) واري جنهن وادي/ ترائيءَ جي وچان جنهن رستي/ وات/ راهه ذريعي وسط-ايشيا ڏانهن ريشم کڻي ويندا هئا، اُن وات/ راهه کي هنن "ريشم واري راهه / وات" (Silk-road) نالو ڏنو. هن رستي ذريعي چين کان ريشم يونوچ سمنڊ جي ساحلي واپاري ملڪن تائين پڻ پهچڻ لڳو. هن رستي ذريعي هي واپار ٻين صدي ق-م کان پنجين صدي عيسويءَ تائين جاري رهيو. اهو واپار ڪارا ڪورم جبلن جي دڙن ("پارپيڪ"، "منتاڪا" ۽ "ڪيلڪ") ذريعي هنزا نديءَ جي ڪناري واري رستي کان پوءِ درياءِ-سنڌ جي ڪناري واري قديم شاهه راهه، شاهه راهه ريشم وسيلي برصغير ۾ به جاري رهيو. پنجين صدي عيسويءَ ۾ جڏهن سرحد جي هن پار شيونگ-نو (Hsiung-nu) قوم وارن زور ورتو ۽ تريم (Tarim) واديءَ تي قبضو ڪيو، تڏهن نه فقط هي رستو بند ٿي ويو، پر ريشم جو واپار به رڪجي ويو ۽ شاهراهه ريشم جو نالو صرف لوڪ ادب ۽ ديومالائي ڪهاڻين ۽ ڏندڪٿائن تائين محدود رهجي ويو.

ڪتابن مان معلوم ٿئي ٿو ته مذڪوره شاهراهه ريشم ان زماني ۾، چين جي، برصغير جي اتر-اولهه واري سرحد وٽ، "چانگن" (Ch'angan) شهر وٽان شروع ٿيندو هو. هي شهر "شينسي" (Shen-si) صوبي جو اڳوڻو تخت گاهه هو. موجوده وقت هن شهر جو نالو "سي-گن-فو" (Si-gan-fu) آهي. هن شهر وٽان اهو رستو (شاهراهه ريشم) نڪرندو هو ۽ گوبي (Gobi) جي صحرا وٽان، گول چڪر ڪائيندو، اولهه طرف ڊن-هئانگ (Dun Huang) ڏانهن ويندو هو، جتيهي رستو ٻن شاخن ۾ ورهائجي ويندو هو: هڪ شاخ "تريم" (Tarim) واديءَ جي اترئين چيڙي وٽان "ترفن" (Turfan) جي وچان لنگهندي "اڪشو" (Akshu) ۽ "ڪاشگر" (Kashgar) کان ٿيندي، اولهه طرف "پامر" جي مٿاهين پٽ جي اتر طرف کان "سمرقند" کان ٿيندي "هندوڪش" جبلن جي اترين وادي اوڪسس (Oxus) کان واخان (Wakhan)، بدخشان (Badakhshan) ۽ بختر (Bacteria) پهچندي هئي. هن وات تي ڪيترائي مرڪز هوندا هئا، جن جي ذريعي ڪن-لن (Kun-Lun) جبلن مان، ڪارا ڪورم ريجن ۾ واديءِ سنڌ تائين داخل ٿيڻ لاءِ راهون نڪرنديون هيون. تاريخدانن اهو به بيان ڪيو آهي ته وات ۾ تبديليون به ٿينديون رهيون. انهن تبديلين جو مدار هن ڳالهه تي هوندو هو ته اهو رستو شروع ڪٿان ٿيو: ٻي شاخ (اهو رستو) ڪڏهن "خوتن" (Khotan) کان شروع ٿيندي هئي ته ڪڏهن وري "يارقند" (Yarkand) کان. خوتن وارو رستو اوپر طرف هو، جيڪو "يارقند" ندي پار ڪري، "ڪن لن" (Kun-Lun) پهچندو هو، پوءِ ڏکڻ طرف "مزتاگ" (Muztag) ندي اڪري، "شمشال" (Shimshal) نديءَ واري واديءَ وچان لنگهي، "پسو" (Passu) جي ويجهو هنزا نديءَ تي پهچندو هو، جتان قديم شاهراهه وهندو هو: پر جيڪو رستو يارقند (Yarkand) وٽان نڪرندو هو، اهو "تشڪورگني" (Tashkurgai) نديءَ جي هڪ نالي جو ڪنارو ڏيندو، واخان (Wakhan) واري ريجن وٽان، ڪيلڪ (Kilik) دڙي يا ان جي اوپر طرف مينتاڪا (Mintaka) دڙي وٽان، هنزا

هن ڪهراڻي جي پهرئين حاڪم "چندرگپت" (٣١٦ ق. م. کان ٢٩٣ ق. م.) جي زماني ۾ ٿي حڪومت جون سرحدون اتر ۾ هماليه جبلن تائين، اوڀر ۾ بنگال جي اڀرندي تائين، اولهه ۾ هندوڪش جبلن تائين ۽ ڏکڻ ۾ وڌيا جبلن تائين پکڙجي چڪيون هيون. شهنشاهه اشوڪا هن حڪومت جي سرحدن کي وڌيڪ هيٺ يعني ڏکڻ تائين وڌايو ۽ "ڪالنگا" (Kalinga) ۾ پيا حصا فتح ڪيائين. اشوڪا ٻڌن جي ٿنڀن تي يا جبلن جي ڇپن تي ٻڌمت جي سکيا جا اصول ۽ متا اڪرايا، ۽ هن ڌرم جي پرچار کي وڌيڪ زور وٺايو (پنهنجي الڳ مقالي ۾ شاهراهه ريشم ۽ سوات جي قديم آثارن جي ذڪر ۾ اڳتي انهن تي ڪجهه روشني وجهندس.)

اڳ ۾ عرض ڪيو ويو آهي ته شاهراهه ريشم جي ذريعي ٻڌمت چين پهتو. اول ٻڌمت جا پرچاري ٽئڪسيلا کان چين ويا، ۽ پوءِ چيني ماهر ۽ ودوان هت يعني واديءِ سنڌ ۾ وارد ٿيا ۽ ٻڌمت جي سکيا ۽ ان جي اصولن جي ڄاڻ حاصل ڪيائون، ۽ چيني زبان ۾ ان جا ترجما ڪيائون. هن سلسلي ۾ جنهن چيني ودوان جو نالو سڀ کان پهرين ملي ٿو سو هو "ائن-شِن-ڪائو" (An-Shin-Kao) جيڪو ١٤٨ع کان ١٧٠ع تائين "لو-يانگ" (Lo-Yong) شهر ۾ ترجمي واري ڪم تي مقرر ڪيو ويو. چون ٿا ته "آئن-شن-ڪائو" (An-Shin-Kao) ۽ پيا ڪيترائي چيني ودوان وچ-مشرق وارن ملڪن جا رهندڙ هئا، مثلاً آئن-شن ڪائو "پارٿيا" (Parthia) جو رهاڪو هو، پيو ماهر جنهن جو نالو "ڪنگ-سنگ-ڪائي" (Kang-Seng-Kai) هو، سو ٽين صدي عيسويءِ ڌاري "سمرقند ريجن" ۾ رهندو هو. هن (Kang-Seng-Kai) عالم "لاحد (Limitless) حياتيءِ" جي عنوان واري ڪتاب "سکوَتيوريُوهه" (Sukhavativyuha) جو ترجمو ڪيو. اهڙيءَ طرح "ڌَرمَ رَڪشَ" (Chu-Fa-hu)، جنهن "سڌرم پونڊَريلا" (Saddharmapundarila) نالي واري ڪتاب جو ترجمو ڪيو هو، سو "تخارا" (Tukhara) جو رهاڪو هو، ۽ ٽين صدي عيسويءِ جي آخري حصي ۽ چوٿين صدي عيسويءِ جي اوائلي حصي ۾ "لو-يانگ" (Lo-Yong) يا "چانگ-آن" (Chang-an) ۾ رهندو هو. چين ۾ ترجمي (ٻڌمت جي سلسلي ۾) وارو ڪم، پنجين صدي عيسويءِ جي اوائلي حصي ۾، ان زماني ۾ اعليٰ مقام تي پهتو، جنهن زماني "ڪُمارجيوَ" (Kumarajiva) "ڪُوچا" (Kucha) کان پهتو هو.

پنجين صدي عيسويءِ جي اوائلي دور ۾ ٻڌمت جي ڀڪشوئن جي سرگرمين ۾ گهڻو واڌارو آيو، ۽ هن شاهراهه جي ذريعي چين، واديءِ سنڌ ۽ برصغير جي اترين علائقن تائين، انهن سرگرمين ۾ گهڻو اضافو آيو. چين کان ڪيترائي ودوان برصغير ۾ سنسڪرت ۽ ٻڌمت جي سکيا وٺڻ لاءِ پهتا. هن قسم جي سرگرميءِ جو باني "فا-هيان" (Fa-Hsien) هو، جيڪو ٣٩٩ع-٤٢٠ع ڌاري ٿي گذريو آهي. هو ٤٠٠ع ڌاري ٽئڪسيلا آيو. هن جو اصلي نالو "ڪُنگ" (Kung) هو ۽ "شين-سي" (Hsen-si) صوبي جي "پنگ-يگ" (Ping-Yang) ضلعي جي

## مددي ڪتاب


(1) Encyclopaedia Brittannica, Roadway Development & History, 15: 894 c.

(2) Ibid, Termini and Significance, 19: 174 h.

(3) Ibid Byzrantine Dilomacy and Commerce 3: 553 d.

(4) Dani A. H. Dr., Human Records on Karakorum Highway, Islamabad, 1983.

(5) Some material was collected from Publicity literature available at the temples when I visited Japan in October, 1987.

(6) My report on "Japan" published in November, 1987.




ٻاب ٽيرهون ۽ آخري ٻاب- هن ٻاب جو سرو آهي حق، هادي روحون (روحن) جي صفت. هن ٻاب ۾ ٻارهن چوڻيون آهن.

ڪانڊ روح ڀائيان صفت ڪريان
توهجي هيتر ٿئي نہ صفتر ڪيئين ڪئي
سي نهارير جڏي بيورو ڪري، آئون آرجهي تي ۾ رهي. [۱]

هي دل جي ڳالھ ڪي سي (ڪنهن سي) ڪريان،
روح جي تون چائين
ڪڇڻ پيٺي لاٿئي، ڪانڌ چئو سي ڇٽان هاٿين (هاٿي)!. [۲]

آتائنان عالم ۾ مون جيڏي ڪيئي نہ ڪانئي
آجان(آجا) ترسي مون جندڙو، هي ڪيهڙي ۾ توهجي آئي. [۳]

هيءَ هڪ نماڻي ڪوشش ڪئي اٿم. هن ۾ ٻولي جيئن جو تيئن رکي اٿم، البت ڪٿي ڪٿي ڏنگين ۾ هاڻوڪي پڙهڻي بہ ڏني اٿم. اميد اٿم تہ هند ۽ سنڌ جا عالم ۽ اديب پنهنجي ام ڪان واقف ڪندا.

[نوٽ: حاشئي ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي مهاڻتي پراڻ لاٽ جي ڪلام تي ڪيل تحقيق طرف اشارو ڏنو ويو آهي. هن مقالي ڪي ان مواد سان بہ ڀيٽڻ گهرجي. الانا]



سچا انسان تاريخ جي هر دور ۾ سماج ۾ اڻ برابري ۽ ناحق واريءَ هلت خلاف آواز اٿاريندا رهيا آهن. اهڙن سچن ماڻهن جو آواز دٻائڻ جي هر دور ۾ ڪوشش ڪئي ويئي آهي. لطيف سائين سُر رامڪلي جيان، اهڙن مهان شخصيتن جو ذڪر ڪلياڻ، يمن ڪلياڻ، سريراڳ، سامونڊي، ڏهر، ڪاموڙي وغيره سرن ۾ به ڪيو آهي.

اهڙا باڪردار ۽ صالح انسان، جڏهن ڪن سماج ويرين ۽ ٻرن انسانن جي هوَس جو نشانو بڻجن ٿا، تڏهن سماج جي هر فرد جي دل اُن جي ياد ۾ ڳوڙها وهائيندي ۽ ڏک جو اظهار ڪندي آهي. لطيف سائين به انهن ۾ شامل آهي.

ڏٺي ڪٿن ڀاڻ سين، نڪو سانڻ ڀاڻ،
اهڙا جن اهڃاڻ، آءٌ نہ جيئندي ان ري. (شاهوائي، ١-٣١)

اهي ماڻهو پنهنجي دور جا باغي ۽ پنهنجي وقت جا وڏا ڏاها ليکيا وين ٿا. اهي آهن سيد علي هجويري، داتا گنج بخش، عثمان مروندي لعل شهباز قلندر، شيخ شرف‌الدين بوعلي قلندر. لعل شهباز جو سنڌ سان ۽ بوعلي قلندر جو دهلي ۽ پاڻيپت سان واسطو هو. قاضي جاويد لکي ٿو: ”مشرق وسطيٰ جي علائقن ۾ قلندري نالي جو هڪ فرقو موجود هو، جنهن شروعاتي عثماني عهد ۾ اناطوليہ ۽ روماليہ جهڙن مرڪزن کان پري علائقن ۾ سياسي شورش پيدا ڪئي هئي ۽ سلجوقي عهد ۾ به اهي اهڙين ئي ڪاروائين ۾ مصروف رهيا هئا. برصغير ۾ انهن جي سڌي سنئين وابستگي خارج از امڪان آهي.“(١٠)

عثمان مروندي آذربائيجان علائقي جي اسماعيلي فرقي سان واسطو رکندڙ هو. اسماعيلي فرقي جو اثر سيوهڻ ۾ به گهڻو هو. ان ڪري هو جڏهن پنهنجي وطن جا وڻ ڇڏي برصغير ۾ آيو، تہ هن سيوهڻ ڪي رهڻ لاءِ پسند ڪيو، جتي تصوف جي سهروردي طريقي ڪي عام مقبوليت حاصل هئي. هن جا خيال وحدت الوجود جي فلسفي مطابق هئا. لال شهباز ١٢٧٤ع ۾ وفات ڪئي. انهيءَ کان پوءِ تصوف جي انهيءَ بنياد تي شطاريہ فڪر کي هٿي ملي. هن تحريڪ جو باني شيخ عبدالله شطاري هو.

برصغير ۾ وحدت الوجود جي فلسفي جو باقاعدي سلسلو شيخ صدرالدين کان شروع ٿيو. هو شيخ بهاؤالدين ذڪريا جو پٽ هو(١١). ان بعد مسعود بڪ جو نالو اچي ٿو. سندس ٻن ڪتابن نورالعين ۽ مرات‌العارفين ۾ فلسفہ وحدت‌الوجود تي گفتگو ٿيل آهي.

برصغير ۾ ڀڳتي تحريڪ کي بہ تمام گهڻي اهميت حاصل آهي. هيءَ تحريڪ پندرهين ۽ سورهين صديءَ جي، هندو ۽ مسلمان دانشورن جي سوچ جو منطقي نتيجو هئي. انهيءَ نقطہ نظر کي سامهون رکندي، ڪيترن ئي ويدانتي ۽ تصوف سان واسطو رکندڙ دانشورن انهيءَ عمل کي اڳتي وڌايو. هن فڪري تحريڪ جو بنيادي رڪن ’رامانج‘ کي مڃي سگهجي ٿو. ’رامانج‘ پنهنجو زياده تر توجهہ گهٽ ذات وارن هندن ڏانهن رکيو هو.(١٢)

٠١ جوتواڻي موتي لال: "شاهه عبداللطيف-هز لائيف اينڊ ورڪ" يونيورسٽي آف دهلي، ١٩٧٥ع
ص-١٤٣
٠١ عباسي تنوير: "شاهه لطيف جي شاعري" (جلد ٻيو) نيو فيلڊس پبليڪيشن حيدرآباد ١٩٨٥ع
ص-٦٥
٠١ عباسي تنوير: "شاهه لطيف جي شاعري" شاهه عبداللطيف ثقافتي سوسائٽي ڪراچي ١٩٧٦ع
ص-١٥٩
٠١ ايضاً ص-١٦٦
٠٢ عباسي تنوير: "شاهه لطيف جي شاعري" (جلد ٻيو) نيو فيلڊس پبليڪيشن حيدرآباد ١٩٨٥ع
ص-٦٥
٠٢ قاضي جاويد: "برصغير ۾ مسلم فڪر ڪا ارتقا" نگارشات لاهور ١٩٨٦ع، ص-٣٧
٠٢ عباسي تنوير: (مرتب) "سچل سرمست"، سچل سرمست يادگار ڪميٽي خيرپور ١٩٨٨/٨ع
ص-٨٠
٠٢ سي- ايف- اسبورن، ڪي- آر- لاجنتي، اي- آر- لوٿر: "ٻلها شاهه" شيخ مبارڪ علي،
لاهور ص ٨٤
٠٢ عباسي تنوير: "شاهه لطيف جي شاعري"، شاهه عبداللطيف ثقافتي سوسائٽي ڪراچي، ١٩٧٦ع،
ص-١٦٥



چڙهيا چارڻي ڀار سوڍا شڪاري    ڪر مان ڦٽي ڪني سوڍي سوڀاري.
ويا ڪاهي ڏاڪا ڪري ڏي جت مومل موچاري    موٽيا نہ ماري ڪڙوڙ لتاڙي ڪاڪ جا.
مومل ڪي مجاز جا اڪمن ۾ انبور    هٿي حاڪمن کي پست نهاري پور
کهوٽ ڀهرين ڪهوڙ جي ويا سي وڃيا.

مومل ساري مير، آهيڙن کي آ ڪري    سوڍي گهٽا سهايا، پڙهيا پنڊت پير
هٿي تن کي تير، مٺيا جن مٽن ۾.

گجر ڪي گجميل جون، تارن ۾ تبرون    هٿي حاڪمن کي زور پريون زبرون
ڪاڪ ڪنڌيءَ تبرون، پسو پرڏيهين جون.

مضمون تيار ڪرڻ ۾ مددي ڪتاب.

١. مفتاح العلوم، مثنوي مولانا جلال الدين رحہ رومي
٢. رسالہ شاهہ ڀٽائي، مسمي بہ انوار الاهي، قلمي قاضي فقير محمد، المتخلص "قانع"
خلف مرحوم مغفور قاضي علي بخش ساڪن روهڙي شريف ١٨٩٥ع.
٣. شاهہ جي رسالي جا سرچشما ١٩٧٢ع.
٤. حديقة الاولياء، تاليف سيد عبدالقادر بن سيد محمد ٺٽوي
تصحيح سيد حسام الدين راشدي ص ٢٣-٢٤
٥. ذاتي مشاهدي ۽ مطالعي مان تخيل تجويز ڪيل
٦. الڪبير اڪيڊمي ڪوٽڙي محمد ڪبير مان مواد ورتل.

# ”چٽنگون“- سنڌي نثري ادب جو هڪ شاهڪار

ممتاز مهر

ويهين صديءَ جو شروع وارو نثري ادب- جنهن ۾ طبع زاد ناول، ڪهاڻيون ۽ مضمونن جا مجموعا اچي وڃن ٿا -- ادبي تاريخ ۾ اهم جاءِ والاري ٿو. هن دور ۾ نه رڳو سنڌي نثري ادب جو عروج ٿيو. بلڪ پهرين مهاڀاري جنگ ۽ ٻي مهاڀاري جنگ جي وچئين عرصي دوران اهڙا ڪتاب به شايع ٿيا، جيڪي سنڌي ادب ۾ ڪلاسڪ جو درجو رکن ٿا. مضمون نويسي ۾ جيڪي مضمونن جا مجموعا ان دور ۾ شايع ٿيا ۽ شهرت حاصل ڪئي، تن مان پرمانند ميوارام جي مضمونن جو مجموعو ”گل ڦل“، ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽي جو ”چونڊ سنڌي نثر ۽ نظم“، لال سنگ اجواڻي جو ”ويچار“، نارائڻداس ملڪاڻيءَ جو ”ڳوناٽي چهر“، تيرٿ وسنت جو ”چٽنگون“، نارائڻداس ڀنڀاڻيءَ جو مرتب ڪيل ”ادبي گلشن“، رام پنجواڻي ۽ نارائڻداس ڀنڀاڻيءَ جو مرتب ڪيل ”ادبي غنچو“ ۽ ليکراج ڪشنچند عزيز جو ”ادبي آئينو“ نه رڳو تفصيلي تجزيي جي قابل آهن، بلڪ انهن مان جيڪي ڪتاب اڻلڀ آهن، تن کي ٻيهر شايع ڪرڻ جي ضرورت آهي، جيئن نئون نسل به پنهنجي ادبي ورثي کان پوريءَ طرح واقف ٿي سگهي.

جيئن ته تيرٿ وسنت جي مضمونن جو مجموعو ”چٽنگون“ هڪ اهم اڻلڀ ڪتاب آهي، تنهنڪري ساهتيه پريمين کي ان جو واس وٺائڻ خاطر ان جو مختصر تعارف ڪرائڻ ضروري آهي. مضمونن جي گوناگوني، وڻندڙ ٻولي ۽ اثرائتي انداز ۾ بيان سبب ”چٽنگون“ ور ور ڏيئي پڙهڻ جي لائق آهي. هيءُ ڪتاب ۱۹۴۱ع ۾ شايع ٿيو هو، تنهنڪري ڪي مضمون ان دور جي پس منظر ۾ لکيل آهن. اهو زمانو هٽلر جي نسل پرستيءَ واري سياست ۽ ڏاڍ ڏمر جو زمانو هو. ان مناسبت سان هڪ مضمون ۾ نسل پرستيءَ تي تنقيد ڪيل آهي. هٽلر ۽ نازي ازم جو خاتمو اچي ويو، پر اڃا تائين ڏکڻ آفريڪا ۽ ڪن ٻين ملڪن ۾ نسلي مت ڀيد واري پاليسي اڃا جاري آهي، جنهن ڏاڍا هاڃا ڪيا آهن، تنهنڪري اهڙي موضوع تي لکيل مضمون جي افاديت ختم ڪانه ٿي آهي. مذڪوره موضوع واري مضمون کي ليکڪ هڪ وسيع تناظر ۾ لکيو آهي.

رائل سائيز ۽ ۲۱۰ (ٻه سو ڏهه) صفحن تي مشتمل ڪتاب ۾ ڪل ۱۵ مضمون آهن. ڪتاب جو مهاڳ حيدربخش جتوئي صاحب جو لکيل آهي. جتوئي صاحب پنهنجي مهاڳ ۾ مصنف ۽ سندس مضمونن بابت ٻي ريا ٿي خيال جو اظهار ڪيو آهي. مثال طور پنهنجي مهاڳ ۾ هڪ هنڌ لکن ٿا:

سان هڪ سهڻو، سداملوڪ شخص اوچتو پرگهت اچيو ٿئي ۽ جامو جهلي، هڪ جوڙي، اکين ۾ آب آڻي التجا پيو ڪري، "خدا خير ڪجائين. لوڪن کي ساجهه ڏجائين. هائو، شل خدا خير ڪري، لوڪن کي ساجهه ڏي."

شخصي خاڪا نگاري يا اسڪيچ جي لحاظ کان مضمون "نانو" پڻ بهترين آهي. پڙهڻ سان ٿهڪ به پيا نڪرندا ته ڪٿي ڪٿي آهون پڻ.

"چٽنگون" ۾ ڏلل سڀئي مضمون شاعرانه جذبن، امنگن ۽ فيلسوفائي ويچارن سان ڀرُ آهن. ٻولي ڪهڙي قدر سادي، سوادي ۽ سپڪ استعمال ٿيل آهي.

"چٽنگون" جو ليکڪ تيرٿ وسنت هاڻي تيرٿ بسنت جي نالي سان مشهور آهي. بزرگ ليکڪ جي عمر هن وقت اٽڪل ٨٠ کن سال هوندي. ورهاڱي کان پوءِ ڀارت هليو ويو ۽ هن وقت دهليءَ ۾ رهي ٿو. ڀارت ۾ رهڻ دوران ٻين تصنيفات کان علاوه ڀڳت ڪنور رام جي مڪمل سوانح به لکيائين، جنهن تي سرڪار ڀاران انعام به مليس. تنهن کان سواءِ شيڪسپيئر جي ڊرامن جا سنڌيءَ ۾ ترجما به ڪيائين، جيڪي پڻ ڏاڍا مقبول ٿيا. ڀارت ۾ سنڌس ڪجهه ڪتاب بي.اي ۽ ايم.اي لاءِ درسي ڪتابن طور تسليم ٿيل آهن.



ڪان اڳ ۾ آزاديءَ واري هلچل ۾ سنڌ جي خدمتن تي افسوس ته سنڌ تورڙي پارت ۾ اڄ ڏينهن تائين ڪوئي مستند ڪتاب نه لکيو ويو آهي، جنهن جو هڪ ڪارڻ اهو به آهي ته ڪنهن به محقق سنڌ جي سياسي تحريڪن بابت انڊيا آفيس لائبريريءَ جي ڪتبخاني تائين وڃڻ جي زحمت ئي گوارا نه ڪئي آهي، يا اڃان ڪٿي چنجي ته اسان وٽ اهي وسيلا ئي ميسر ڪونهن، جو ست سمنڊ پار لنڊن تحقيق ڪرڻ لاءِ ڪهي وڃون. ان سلسلي ۾ سنڌ الاجي ۽ سنڌي ادبي بورڊ ڪي ڪوئي مثبت ڪردار نڀائڻ گهرجي. ڪاش! سنڌ بابت سمورن مسودن، تورڙي ڪتابن جون مائڪرو فلمون سنڌ الاجي پاڻ وٽ گهرائي رکي، ته هوند سنڌ جي عالمن ۽ دانشورن لاءِ وڏي سهوليت حاصل ٿي سگهي ٿي. باقي لنڊن جهڙي مهانگي شهر ۾ ذاتي خرچ تي وڃي تحقيق ڪرڻ لاءِ نه اسان جا مالي وسيلا اهڙي اجازت ٿا ڏين، نه وري ڪوئي اهڙو ادارو موجود آهي، جيڪو عالمن ۽ محققن کي اها سهوليت فراهم ڪري ڏئي!.





سڪو نمبر ۱



سڪو نمبر ۲




سنڌ تي انگريزن جي قبضي وقت سنڌ ۽ ڀرپاسي واريون رياستون

## مددي وسيلا


- R. B. Whitehead
  Catalogue of Coins in the Punjab Museum, Lahore, Volume III.
  At the Clarendon Press, Oxford 1934.
- Colin R. Bruce II, John S. Deyell
  Nicholas Rhodes, William F. Spengler.
  The standard guide to South Asian Coins and paper Money Since 1556 A. D.
  Krause Publications Iola, Wiscouisn, 1982.

- منشي عطا محمد شڪارپوري،
  تاريخ تازه نواي معارڪ (فارسي)
  سنڌي ادبي بورڊ، ڪراچي - ١٩٥٩ع.
- اعجاز الحق قدوسي،
  تاريخ سنڌ، جلد سوم (اردو)
  اردو سائنس بورڊ، لاهور - ١٩٨٤ع.
- رحيمداد خان مولائي شيدائي،
  ٽالپرن جي مختصر تاريخ (سنڌي)
  انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو - ١٩٨٣ع.
- سڪن جي ذاتي ذخيري جي مشاهدي مان ٻن هن مضمون لاءِ مدد ورتي ويئي.
  (عبدالله ورياه)




بسم الله الرحمن الرحيم
وڏائي ته واحد کي وڏي جني وصفا
کنڌوڪير تهجي واتا واگانا
پڻ هوءِ صلوٰة سچي رسول اتي دائم مداما
جنهن اهي ايري ڪري شمس شعاع
هاڻي پلاءِ آية الکرسي جي سنهو سبوحا
ته قادر مڪي قرآن پلي آيت جا
سا آهي آية الکرسي ريهم ننڪ شبها
منجهس وحدت واحد جيءِ هيڪر اِئي الله
اسم اعظم انکي لکن تا علما ءُ
سو لفظ الله لا اله الا هو سي ياد ڪجاهه
ءِ ڪن انهي القيوم جو لکئو قولا
ائي

برٽش ميوزم لنڊن ۾ موجود تفسير آية الکرسي (سنڌي) جي پهرين صفحي جو عڪس.

سوانح حيات ڪافي منجهيل آهي. ضروري آهي تہ ارڙهين صديءَ جي هن وڏي سنڌي مصنف جي علمي خدمت جو حقيقت جي آئيني ۾ ڀرپور جائزو ورتو وڃي.

سنڌي زبان ۾ تيار ٿيل هي تفسير هڪ صدي اڳ لنڊن پهتو. ان سموري عرصي ۾ صرف ٻن يورپي اسڪالرن - بلوم هارڊٽ ۽ ڊاڪٽر شمل - پنهنجن ڪاوشن ۾ ان جو تعارف ڏنو ۽ بيان آندو. راقم الحروف هنن ٻنهي محققن جي ذريعي سان هن تفسير سان متعارف ٿيو ۽ آخرڪار پنهنجي دوست جناب هدايت پريم صاحب جي توسط سان، اُن جو فوٽو اسٽيٽ حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ويو. هن علمي ۽ ادبي تعاون لاءِ آءٌ جناب هدايت پريم جو دلي طرح شڪر گذار آهيان.



”هن تارن سان جڙيل وسيع گنبذ هيٺان،
”جتي چانديءَ جهڙن ڍنڍن ۽ زمرد جهڙن سمنڊن جا فرش پٿريل آهن،
”ڇا ـــ ڪڏهن به ڪا روح رهندي جاءِ آرام جي نصيب نه ٿيندي؟
”ڇا ـــ خواهشمند دل کي ڪڏهن به سڪون حاصل ٿي نه سگهندو؟

# ڪهاڻيون

## پڙي جن پاڙي...

حفيظ شيخ سنڌي زبان جو هڪ بيباڪ، باهمت ۽ انسان دوست اديب هو، جيڪو جيسين زنده رهيو، پنهنجي قلم کي هڪ ماهر سرجن وانگر، معاشري جي اوڻاين خلاف بيحد مهارت سان استعمال ڪندو رهيو.

۽ سنڌس ئي چوائي:

”منهنجون اکائيون بند ڪمرن ۾ شراب جا پيگ چاڙهي ڪين لکيون ويندڙيون آهن. اهي اکائيون زندگيءَ جو صحيح عڪس هونديون آهن ۽ اهي عڪس اڄ جيئري جاڳندي جندڙيءَ جي رنگن مان چورائيندو آهيان.“

زندگيءَ جا صحيح ۽ سچا عڪس چٽيندڙ هن اَجري مَنَ واري افسانا نويس جتي سنڌي ادب کي ”مبارڪون“، ”فقير رمندا رهن“، ”امان سان اسڪول نه ويندس“، ”هو ڳوڙها“، ”اديب“ ۽ ”ساگر جي لهرن تي“ جهڙا يادگار افسانا ڏنا، اتي سنڌي ڪهاڻي کي سچائي ۽ حقيقتن جي واٽ تي هلڻ به سيکاريو. ”زرينا“ سندس اڻ ڇپيل افسانو آهي، جيڪو امان مهراڻ جي پڙهندڙن آڏو پيش ڪندي بجا طور تي فخر محسوس ڪريون ٿا. ۽ پڻ ٿورا مڃون ٿا محترم بيدل مسرور جا، جنهن مهراڻ لاءِ هي افسانو ”زرينا“ اڪير مان اماڻيو.

# پڙي جن پاري...

حفيظ شيخ سنڌي زبان جو هڪ بيباڪ، باهمت ۽ انسان دوست اديب هو، جيڪو جيسين زنده رهيو، پنهنجي قلم کي هڪ ماهر سرجن وانگر، معاشري جي اوڻاين خلاف بيحد مهارت سان استعمال ڪندو رهيو.

۽ سنڌس ئي چوائي:

”منهنجون آکاڻيون بند ڪمرن ۾ شراب جا پيگ چاڙهي ڪين لکيون ويندڙيون آهن. آهي آکاڻيون زندگيءَ جو صحيح عڪس هونديون آهن ۽ آهي عڪس آءٌ جيئري جاڳندي جندڙيءَ جي رنگن مان چورائيندو آهيان.“

زندگيءَ جا صحيح ۽ سچا عڪس چٽيندڙ هِن آجري سَن واري افسانا نويس جتي سنڌي ادب کي ”مبارڪون“، ”فقير رمندا رهن“، ”امان سان اسڪول نہ ويندس“، ”ٻہ ڳوڙها“، ”اديب“ ۽ ”ساگر جي لهرن تي“ جهڙا يادگار افسانا ڏنا، اتي سنڌي ڪهاڻي کي سچائي ۽ حقيقتن جي وات تي هاڻ بہ سيکاريو. ”زرينا“ سندس اڻ ڇپيل افسانو آهي، جيڪو امان مهراڻ جي پڙهندڙن آڏو پيش ڪندي بجا طور تي فخر محسوس ڪريون ٿا. ۽ پڻ ٿورا مڃون ٿا محترم بيدل مسرور جا، جنهن مهراڻ لاءِ هيءَ افسانو ”زرينا“ اڪير مان اماڻيو.

نہ ڪري سگھيو. هن کي هڪ ٻئي شخص سان وابستہ ڪيو ويو. آءٌ دل تي پٿر رکي ويهي رهيس ۽ وري پنهنجي پڙهائيءَ ۾ مشغول ٿي ويس.

هن جي محبت صدقي پڙهائيءَ جو هڪ سال خراب ڪري چڪو هئس. هوءَ پنهنجي مڙس جي گهر وڃڻ بعد بہ مون کي ياد ڪندي رهندي هئي ۽ ڪنهن ڪنہ ۾ ويهي گونگيون هنجون هاريندي هئي. مون کي سندس احوال ملندا هئا. جيتوڻيڪ هوءَ پاڻ مون کي ڪوبہ لياپو وغيره ڪين موڪليندي هئي.

اڄ ٽن سالن بعد زرينہ وري منهنجي پاڙي ۾ اچي سڪونت اختيار ڪئي آهي. سندس مڙس ڪيس چوسيل هڏيءَ مثل ٻري اڇلائي ڇڏيو آهي ۽ پنهنجو ڪرڻ ڪان الڪاري آهي ۽ آءٌ... آءٌ سوچيان ٿو تہ ڇا ڪيان...! سوچيان ٿو تہ سماج آئينده ڪهڙو قدم کڻندو!... سوچيان ٿو تہ زرينہ جي حالت ڇا ٿيندي... ۽ سوچيان ٿو تہ مون کي زرينہ سان محبت آهي؟



# چرچو- سائيا

انيس انصاري

## ڊائريءَ مان ذڪرو

١٠- آڪٽوبر ١٩٧٧ع، ڪراچي.

مشتاق اڄ لاڙڪاڻي مان ٽيليفون تي خبر ڏني ته منهنجو دلي دوست الله بخش انصاري نوت ٿي ويو. رب مترهيس.

## ڪجهه خط

ڳاڙهي موري

٦- مارچ ١٩٤٤ع

جناب الله بخش انصاري صاحب.

السلام عليڪم- حيرت وٺي ويم، جڏهن ”اديب سنڌ“ جي هڪ شماري ۾ سرورق تي پڙهيم: ”لکيڙهه لاءِ پتو: ”الله بخش انصاري، انيس نزديڪ امام بارگاهه لاڙڪاڻو.““ ان ۾ حيران ٿيڻ جي ٻي ته ڳالهه ڪانه هئي، سواءِ ان جي ته منهنجو نالو پڻ الله بخش آهي، ذات جو مان به انصاري آهيان ۽ تخلص به ساڳيو اٿم! ڇا ائين ته نه آهي، اسان ٻه جسم ۽ هڪ روح آهيون؟ مهرباني ڪري ورندڙ ٽپال ۾ ورندي ڏيندا.

توهان جو

الله بخش انصاري

لاڙڪاڻو

١٢- مارچ ١٩٤٤ع

دوست انصاري صاحب.

وعليڪم السلام- واقعي حيرت جي ڳالهه آهي. نالو ۽ ذات ساڳي ته گهڻن ماڻهن جي ٿي سگهي ٿي، پر ان سان گڏ تخلص به ساڳيو هجڻ هڪ عجيب اتفاق آهي. مان اوهان بابت وڌيڪ ڄاڻ رکڻ گهران ٿو. اوهان جي عمر ڪيتري آهي ۽ اوهان ڇا ڪندا آهيو؟ اميد ته جواب ڏيندا.

اوهان جو

الله بخش انصاري

موري

۱۸-سيپٽمبر ۱۹۵٦ع

انيس:

سمجهير. اهو سڀ ڪجهہ غلام عباس جو ڪيل ٿـو ڏسجي. مان ڪيس اوهان جا خط ڏيکاريندو هيس. ٻي ڳالهہ تہ موريءَ ۾ مستقل پوسٽ آفيس ڪانہ هئي. اهو ڪم اسڪول جو هيڊماسٽر ڪندو هو. غلام عباس راتي ماستر هو. ان ٿي شايد چرچي طور اوهان کي پنهنجي حقيقي نالي سان ۽ مون کي يار محمد جي نالي سان خط لکيا هوندا. خير ڇا ٿ، هئو هاڻي ٻئي مري جيئي اٿيا آهيون. بهتر نہ ٿيندو تہ حقيقي مرڻ کان اڳ روبرو ملاقات ڪريون.

"حباب"

## ۱۰-آڪٽوبر ۱۹۷۷ع تي لاڙڪاڻي مان ٽيليفون ڪال

"هيلو"

"هيلو بابا! مان مشتاق ٿو ڳالهايان. اها بري خبر ٻڌائڻي هئي تہ اوهان جو موريءَ وارو همنام دوبت ڪجهہ ڏينهن اڳ فوت ٿي ويو آهي."



رنگت تنهنجن تصويرن جي سمر ميني سگهيوئي ڪين. يقين آهي ته جيئن وقت گذرندو، "لطيف" نگاهه تنهنجي عوام جي اکين ۾ عبرتي اوت اوتيندي حسن جي؛ ايڏي پت تـه ڪني انٽي جو اسان تان اجا به ايرندي تي رهي حسن لئي.

لطيف! اکين تنهنجن چکيو ڪهڙو چوج، جو چٽ تنهنجا مٽ وقت، جاء، سبب جا نٽي ٿا بٽيا.

عشق جي عبرت، حسن جي حيرت، ڪامل ڪلاڪار! تو هيٺ ٽي ويهي اپاڙي پنهنجن تنوارن سان.

لطيف ڪٿيون وسائي، للڪارن سان واريءَ ۾ وسندو ڪري چيڙي اٿي. صديون گذري ويون، اجا به.

هاڻ به هوت ڪو سنڌڙيءَ سان سهنج ڪر وَر تي. وَر ڪر او پٽ جا ڏني پلارا لطيف! لطف ڪر- لائق ڪر ويچاريءَ وساريل سان.

(موڪليندڙ: روي. ايل. جها)



## امين ريحاني

اياز گل

● امين ريحاني، عرب شاعريءَ جو هڪ معتبر نالو آهي. هو ١٨٧٦ع ۾ ڄائو ۽ ١٩٤٠ع ۾ وفات ڪيائين. خليل جبران جي همعصر شاعر طور سندس نالو بيحد احترام سان ورتو ويندو آهي. امين ريحانيءَ زندگيءَ جو وڏو حصو نيويارڪ ۾ گذاريو. هن عرب شاعريءَ کي جدت ۽ نوان لاڙا ڏنا ۽ عربيءَ سان گڏ انگريزيءَ ۾ به لکيائين. هتي سندس ٻن مختصر پر خوبصورت نظمن جو ترجمو ڏجي ٿو.

● خوشي

مان هنن مشڪرين کي ڏسندو ڏسي
بيحد خوشي محسوس ڪندو آهيان
مان کين ڪيئي ڀيرا اِئين چئيو آهي
تيئن مان،
پنهنجي ابهم پار جا ڏند
ڏيکاريندي آهي.

● سودو

مان مشرق آهيان
مون وٽ فلسفا آهن
مذهب آهن
ڪوئي هوائي جهازن بدلي
مون کان اهي وٺندو؟

## دانش

ستر واري ڏهاڪي ۾ سنڌ جي ممتاز عالم سيد حسام الدين راشديءَ جي ڪوشش سان، تڏهوڪي ايران سرڪار اسلام آباد ۾ برصغير ۾ اسريل فارسي علم ۽ ادب جي اڀياس لاءِ هڪ تحقيقي مرڪز قائم ڪيو. هن مرڪز ابتدائي اپامڪاريءَ دوران ني وڏي پيماني تي اشاعت جو ڪم ڪيو ۽ پنهنجو پاڻ مڃايو. ايراني انقلاب جي آغاز ڏاري ان جون سرگرميون ماٺيون ٿي ويون، پر پوءِ وري تحقيقي اڀياس کي تيز ڪيو ويو ۽ برصغير ۽ ايران ۾ ٿيل فارسي ادبي اوسر بابت، سنجيده ڪم ڪرڻ لاءِ رسالو "دانش" جاري ڪيو ويو. هي جرنل ٽه ماهي آهي ۽ اهو ٻن ٻولين يعني اردو ۽ فارسيءَ ۾ هڪ ئي وقت ڇپجي ٿو. پهريان ان جو ايڊيٽر سيد عارف نوشاهي هو ۽ هن وقت ادارت جا فرائض ڊاڪٽر سيد سبط حسن رضوي سنڀالي ٿو. هيل تائين "دانش" جا ڪل ارڙهن پرچا نڪري چڪا آهن.

تبصري هيٺ آيل "دانش" جو پرچو نمبر ١٧ ۽ ١٨ آهي، يعني ته هي گڏيل پرچو ڇپيو ويو آهي. پهريون حصو فارسي مقالن تي مشتمل آهي، جنهن ۾ هندپاڪ کان علاوه ايراني اسڪالرن جا مضمون به شامل ڪيل آهن. هنن مقالن ۾ فارسي ادبيات جي حوالي سان، نهايت ئي مستند ۽ معياري گفتگو ڪيل آهي. هي مضمون پڙهندي، غالب، صائب، تبريزي، هند ۾ ايراني خوشنويسن ۽ بنگال ۾ فارسي ادب جي عنوانن تي معياري معلومات ملي ٿي. ٻيو حصو اردو ۾ لکيل مقالن تي مدار رکي ٿو، جنهن ۾ ٽي مقالا نمايان اهميت رکن ٿا. پهرئين مضمون ۾ "حافظ ۽ پاڪستان" بابت ڊاڪٽر سبط حسن رضويءَ بحث ڪيو آهي؛ جنهن ۾ سنڌ ۽ سنڌي زبان جي حوالي سان، حافظ بابت تمام گهٽ گفتگو ڪيل ڏسجي ٿي. ٻيو مضمون مير خادم حسين ٽالپر جو آهي، جنهن ۾ سنڌي غزلن تي خواجه حافظ جي اثر بابت تحقيق ڪيل آهي. ان بعد ٽيون مقالو "ميان نور محمد ڪلهوڙي جو مدفن ۽ ان جا ڪتبا" عنوان سان ڏنل آهي. هن مقالي جو ليکڪ نوجوان محقق تاريخدان غلام محمد لاکو آهي. هي مقالو اڳ ۾ ئي رسالي مهراڻ (١-١٩٨٩ع) ۾ ڇپيو هو، جنهن کي مصنف خود اردو زبان ۾ منتقل ڪيو آهي. ٽيون حصو متفرقات بابت آهي.

جرنل "دانش" ۾ هندپاڪ جي فارسي ادب کان علاوه، سنڌ جي حوالي سان پڻ چند معياري مقالا ڇپيا آهن. انهن ۾ سيد حسام الدين راشدي مرحوم جا ٻه مفصل مضمون به شايع ٿيا، جي غلام محمد لاکو ۽ عبدالرسول قادري صاحب، رسالي مهراڻ ۾ ترجمي ذريعي ڇپي چڪا آهن. بلاشبه سيد حسام الدين راشدي مرحوم، هندپاڪ جي فارسي ادب ۾ وڏو مقام پيدا ڪيو آهي. رسالي "دانش" جو هر پرچو ۽ ان جا ورق، هن حقيقت جي اضافي شاهدي ڏين ٿا. الله تعاليٰ مٿن رحمت ڪري.

— محمد قاسم سومرو



شهيد مخدوم بلاول رح جي ڏهاڙي واري تقريب جا سامعين.
ڳوٺ باغبان ــ ٨ ـ نومبر ١٩٨٩ع



مقررين: يوسف شاهين، غلام محمد لاکو، عبدالسبحان ميمڻ ڊي. سي دادو
عبدالله مگسي، تاجل بيوس، استاد بخاري، محمد خان مجيدي، احمد خان ملڪاڻي،
فاروق سولنگي، رميش ڪمار، محمد يوسف سُرهيو، عادل سخيراڻي، زرينه بلوچ
۽ منظور سخيراڻي راڳ جي نشست ۾

# بيدل مسرور سان شام

سنڌي سنگيت کي نئون انداز، نئون لهجو ۽ انقلابي آهنگ ڏيندڙ سنڌ جي جديد راڳي، نوجوان شاعر، ڪهاڻيڪار، موسيقار ۽ ٽي-وي پروڊيوسر "بيدل مسرور" سان هڪ سريلي شام ١٦- نومبر ١٩٨٩ع سنڌي ادبي سنگت شاخ مورو ڀاران ۽ مهراڻ ايجوڪيشن سوسائٽي، مهراڻ سوشل فورم جي سهڪار سان مورو شهر ۾ خوبصورت ۽ جڳمڳائيندڙ ڪاڪ محل سئنيما ۾ رچائي وئي.

انهيءَ دوران ڪيترائي اديب، شاعر، صحافي، سنگتي ساٿي، راڳ جا شوقين، بيدل جي آواز سان عقيدت رکندڙ ۽ اياز جي شاعريءَ جا عاشق ڪٺا ٿيندا رهيا. مهمانن ۾ جناب آفتاب احمد ميمڻ ڊپٽي ڪمشنر نوابشاهه، محترم شوڪت علي پنهور اسسٽنٽ ڪمشنر مورو، محترم خان محمد جماليءَ کان علاوه اديب ۽ شاعر-نصير مرزا، اياز گل، ادل سومرو، بينا مسرور، طارق عالم، تاج جويو، مير محمد پيرزادو، آغا سعيد، بخشڻ مهرانوي، قاضي نذيراحمد، احمد بخش، سنتوش ڪامراڻي، سليمان سولنگي، خادم ڀڳيو، ادريس جتوئي، مسرور سومرو، گل سومرو، عبيدالله عباسي، اقبال عباسي، جميل مورائي، غلام نبي جويو، خادم شيخ ۽ زاهد پٽيءَ کان سواءِ ڪيترن ادبين ۽ ادب دوست ماڻهن پروگرام ۾ شرڪت ڪئي.

پروگرام جي شروعاتي ڪمپيئرنگ صلاح الدين پنهور ڪئي، جنهن بيدل جي فن تي ڪجهه جملا چئي بيدل مسرور سان گڏ محفل جي صدر جناب آفتاب احمد ميمڻ ڊپٽي ڪمشنر نوابشاهه، خان محمد جمالي خاص مهمان، اعزازي مهمان شوڪت علي پنهور اسسٽنٽ ڪمشنر مورو ۽ مهراڻ ايجوڪيشن سوسائٽي مورو جي صدر واحد بخش شيخ کي اسٽيج تي ويهاريو.

واحد بخش شيخ آجيان ڪندي، مورو جي شهرواسين، بيدل مسرور ۽ ٻين ادبين، شاعرن ۽ مهمانن جا ٿورا مڃيا، جن هھڙو پروگرام رچائڻ ۾ سندن ساٿ ڏنو.

بعد ۾ نصير مرزا اسٽيج سيڪريٽريءَ جا فرائض ادا ڪندي نوجوان شاعر ۽ سنڌي ادبي سنگت جي سيڪريٽري احمد سولنگي کي بيدل مسرور جي تعارف ڪرائڻ لاءِ اسٽيج تي سڏيو. جنهن چيو ته اسان سيني لاءِ نه مورو اوپرو آهي، نه بيدل جو ساز ۽ آواز. مورو سنڌ جو اهو شهر آهي، جتان پورهيتن ۽ شاگردن ون يونٽ خلاف جدوجهد ۾ ڀرپور حصو ورتو هو. انهيءَ دور ۾ بيدل پنهنجي ساز جي تند تپائي ڳايو هو: "ڳاءِ انقلاب ڳاءِ..."

ڪهاڻيڪار ۽ شاعر نذيراحمد قاضيءَ کي سڏيو ويو، جنهن چيو ته "جيون جي ڏک سک جي ڪهاڻي لکندي جڳ گذري ويا. اوڃاڳيل اکڙين سان ڀاڻي وهندي وهندي جڳ گذري ويا آهن. پوءِ به آدجڳاد کان جيون جي ڏک سک جي ڪهاڻي لکجندي پئي آهي.



بيدل مسرور سان شام

بيدل مسرور، بينا بيدل، اياز گل، ادل سومرو، تاج جويو ۽ خان محمد جمالي

(مورخ ١٦- نومبر ١٩٨٩ع)



کتاب "انگن چڙهيو انگ" جي مهورت جي موقعي تي طارق عالم، پرمانند ڪنول، ضراب حيدر، غلام حيدر ڪلياڻ، طارق عاجز پٽي، ساگر سومرو، عبدالله ملاح ۽ عبداللطيف زوگر ڳالهائي رهيا آهن
(بدين ــ ٦ ڊسمبر ١٩٨٩ع)



"ادل سومرو سان رهاڻ" ـــ مقررين (کاٻي کان) ادل سومرو، اياز گل، مختيار ملڪ،
مقصود گل، اسحاق راهي، سرڪش سنڌي، عبدالغفار تبسم، منٺار سولنگي، اياز جاني،
خليل عارف سومرو
(نئون ديرو ـــ ١٤ ڊسمبر ١٩٨٩ع)

تي پهاڪا ۽ چوڻيون استعمال ڪندو هو. ڪيس سينگار جي بيتن سان تمام گهڻي دلچسپي هئي، ۽ ڪيس ڏيترائي سينگار جا بيت ياد هئا. هو ڳالهين ڪندي، اهڙو موضوع آڻي ويندو هو، جيئن هو سينگار جو بيت ٻڌائي، محفل کي پررونق ۽ پر اثر بنائي. اهڙيءَ طرح محفل ۾ ويٺل احباب، سينگار جي بيت مان پورو پورو حظ حاصل ڪندا هئا، ۽ سنڌيلي صاحب جي چاڻ تي ڪيس داد ڏيڻ کان رهي نه سگهندا هئا.

سائين سنڌيلي صاحب سنڌي لوڪ ادب جي روح کي پنهنجي اندر ۾ سمايو هو، ۽ ان جي افاديت، اهميت ۽ سماجي ڪارج کان پوريءَ طرح باخبر هو. هن کي اها ڄاڻ هئي ته سنڌي لوڪ ادب، انساني مزاج ۽ فطرت جو آئينو آهي، ۽ ان ۾ انسان جي جذبن، احساسن ۽ اڏمن جي عڪاسي ٿيل آهي. انهيءَ ڪري هن لوڪ ادب جي سچائيءَ کي نظر ۾ رکي، پنهنجي تجربي ۽ مشاهدي جي بنا تي ڪيترين ئي چوڻين پنهنجي طرفان جوڙيون. هو چوڻيون محفلن ۾ ٻڌائيندو هو ۽ ائين ظاهر نه ڪندو هو، ته هي چوڻيون هن پاڻ ٺاهيون آهن. پر اسان سمجهي ويندا هئاسون، ته هي چوڻيون سنڌس تخليقي ذهن جون پيداوار آهن.

محترم ڊاڪٽر سنڌيلو صاحب انهن محققن مان آهي، جن سنڌي لوڪ ادب جي اهميت کي سمجهي، ان کي سهيڙي سموهي ڪتابي صورت ۾ پيش ڪرڻ جي ابتدا ڪئي. ان کان اڳ سنڌي لوڪ ادب ڏانهن ڪنهن جو ڌيان خير ڪو هو. البت سنڌس زماني ۾ سائين عبدالحسين شاهه موسوي سگهڙ ۽ سرهاڻ ۾ لوڪ ادب جي جهلڪ ڏيکاري، پر صحيح معنيٰ ۾ لوڪ ادب جو بنيادي ڪتاب سائين سنڌيلي صاحب جو ”وينجهار“ آهي، جنهن ۾ لوڪ ادب جي سمورين صنفن جو مختصر مگر جامع تعارف ڏنو ويو آهي. لوڪ ادب تي تمام وڏو ڪم ڪندڙ محترم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ به هن ڪتاب جي تعريف ڪئي آهي.

**تصنيفون:-** محترم ڊاڪٽر عبدالڪريم سنڌيلو پورهيت اديب هو. هن پنهنجي زندگي ٺاهڻ ۽ زندگيءَ جون ڪاميابيون حاصل ڪرڻ ۾ به وڏي محنت، جهد ۽ جاکوڙ ڪئي، ته ادبي حيثيت حاصل ڪرڻ ۾ به پيار مان پورهيو ڪيو. هن ڪٺو ڪٺو گڏ ڪري، ادبي خزانو ٺاهيو، ۽ ان کي اهڙي سليقي سان پيش ڪيو، جو ان جي جوت جي جلوي، سنڌي زبان ۽ ادب کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا. هت سنڌس تصنيفن جو مختصر تعارف ڏجي ٿو:

**وينجهار:** سنڌي لوڪ ادب کي سهيڙڻ جي سلسلي ۾ اسان جي اديبن ۽ محققن جيڪي ڪوششون ڪيون آهن، اهي قابل قدر آهن. لوڪ ادب سهيڙي، سوڌي ۽ سنواري پيش ڪندڙن ۾ محترم ڊاڪٽر عبدالڪريم سنڌيلي کي اوليت جو شرف حاصل آهي. لوڪ ادب سلسلي جي شروعاتي ڪتابن ۾ جيتوڻيڪ محترم عبدالحسين شاهه موسوي جا ڪتاب ”سگهڙ“ ۽ ”سرهاڻ“ به پنهنجيءَ جاءِ تي وڏي اهميت رکن ٿا، پر سائين سنڌيلي صاحب جو ڪتاب ”وينجهار“ پنهنجو مٽ پاڻ آهي، جنهن ۾ لوڪ ادب جي سمورين صنفن جو فني تعارف ڏنو

اِهي جن اُهڃاڻ، پانڌي پڪي لڏسين
مارو گڏڻ ساڻ، ويـڙا ترئون اُڪري
(شاهه)



سائين عبدالڪريم سنديلو

ولادت
۳۱- ڊسمبر ۱۹۱۹ع

وفات
۲- جنوري ۱۹۹۰ع

يار! ڏاڍي عشق آتش لائي آ.



سنڌ جو سدا بهار فنڪار
استاد محمد جُمن

وفات
٢٣. جنوري ١٩٩٠ع

پيدائش
١٠. آڪتوبر ١٩٣٥ع

## مهربان لکندڙن کي چند خاص گذارشون

مهراڻ جا بيشتر ڪرمفرما، خاص ڪري شاعر پنهنجو ڪلام ڪاغذ جي مختلف سائيزن تي، رف نموني سان لکي ٿا موڪلين ۽ اڪثر پنهنجي پوسٽل ائڊريس به نٿا ڄاڻائين. هڪڙي ڪاغذ تي ٻه-ٽي ڪلام لکي موڪلڻ به معمول ۾ شامل آهي. ان قسم جي ڀهتل مواد سبب پڙهڻ، چونڊ ڪرڻ، ترتيب ۾ شامل ڪرڻ ۽ پريس ڪاپي ٺاهڻ جي مرحلن ۾ ڪافي دشواري پيش اچي ٿي ۽ بعض اوقات معياري مواد به مٿين فني نقصن جي ڪري درج ٿيڻ کان رهجي ٿو وڃي.

مهربان لکندڙن کي خاص استدعا آهي ته پنهنجو مواد سُٺن اکرن ۾ فل سڪيپ شيٽ تي لکي موڪلين؛ ساڳيءَ شيٽ تي هڪ کان وڌيڪ شعر/مواد لکڻ يا ڪاغذ جي پُٺ تي لکڻ کان مڪمل پرهيز ڪجي؛ ۽ پنهنجي پوسٽل ائڊريس ڄاڻائڻ نه وسارجي.

ساڳيءَ طرح، اها گذارش به "خاص طور" ڪبي ته مهرباني ڪري فوٽو اسٽيٽ مواد موڪلڻ کان پوريءَ طرح پرهيز ڪرڻ فرمائين. (ان قسم جي ڀهتل مواد تي توجهه ڏيڻ کان معذوري رهندي.)

مواد موڪلڻ جي ائڊريس:

**نفيس احمد شيخ**

ايڊيٽر "مهراڻ"

سنڌي ادبي بورڊ

ڄامشورو سنڌ - ڪوڊ نمبر ٧٦٠٧٠

وايا: حيدرآباد سنڌ.

(فون: ١٢٧٦ ۽ ١٥٦٥)

سُورَةُ الفَاتِحَةِ مَكِّيَّةٌ وَّهِيَ سَبعُ اٰيَاتٍ

ابتدا می کنم بنام خدای سزای
پرستش روزی دهنده رحمت کننده ①
شکر وسپاس وستایش مر خدائی را که
پرور دگار عالمیانست ② روزی دهنده رحمت
کننده ③ بادشاه روز حساب وجزا ④ تو
خداوندرا می پرستیم واز تو خداوند یاری و مدد
می خواهیم ⑤ ثابت دار مارا راهِ راست ⑥
راه آنها که نعمت کردی برایشان نه راه آنها
که خشم گرفته است برایشان (یعنی
یهودان) ونه راه گمراهان (یعنی
ترسایان) ⑦

المنزل ا

ع ٧



ڏکڻ ايشيا ۾ قرآن شريف جو پهريون فارسي ترجمو حضرت مخدوم لطف الله ولد مخدوم نعمت الله صديقي هالاکندي واري المعروف به حضرت مخدوم سرور نوح رحه (١٥٠٥ـــ١٥٩٠ع) ڪرڻ فرمايو. انهيءَ ترجمي مان سورة الفاتحه جي ترجمي جو ڇپيل عڪس مٿي ڏجي ٿو. هي ترجمو سنڌي ادبي بورڊ سال ١٤٠١هه (٨٠ـ١٩٨١ع) ۾ شايع ڪيو.